### برساتن ۽ ٻوڏ جون تباهيون:

# سنڌ سموري ملڪ ۾ وڌيڪ خطري هيٺ

**ماهراهوئي چئي رهيا آهن ته 2025 جي چوماسي جي مند وڏي امتحان سان گڏ سامهون آئي آهي. برساتون وڌيڪ تيز پئجي رهيون آهن. اميدن کان هتي ڪري هوائون ۽ شهري ۽ ٻهراڙين ۾ بنيادي ڍانچو ڪمزور هجڻ سبب ڪيترائي علائقا متاثر ٿي رهيا آهن. ورلڊ بينڪ جي هڪ رپورٽ South Asia’s Hotspotمطابق ”پاڪستان ۾ سنڌ سيني کان وڌيڪ موسمياتي تبديلي جي خطرن کي منهن ڏيندي. ان کانپوءِ پنجاب جو وارو اچي ٿو.**

الهه بخش راٺوڙ

پاڪستان موسمي تبديلين جي حوالي سان دنيا جي خطرناڪ ترين ملڪن جي فهرست ۾ شامل آهي. سموري ملڪ جي ڀيٽ ۾ گهڻو خطرو وري سنڌ کي آهي. ان حوالي سان نه صرف ملڪي امدادي ادارن جا انگ اکر موجود آهن، پر عالمي سطح تي عالمي بينڪ کان وٺي مختلف ادارن خطري جا انڪشاف به ڪيا آهن.

ملڪ ۾ 26 جون کان 18 جولاءِ تائين برساتن سبب 178 شهرن زندگي جي بازي هارائي ويٺا، جڏهن ته 491 شهري زخمي ٿيا آهن. باقي نقصان ان کانسواءِ آهي. ڄاڻايل عرصي دوران پنجاب ۾ 103 شهري فوت ۽ 227 زخمي ٿيا، ڪي پي ۾ 38 شهري فوت ۽ 57 زخمي ٿيا، سنڌ ۾ 20 شهري فوت ۽ 40 زخمي ٿيا، بلوچستان ۾ اهو انگ 16 شهرين جي فوت ٿيڻ ۽ 4 جي زخمي ٿيڻ بابت آهن. گذريل ٻن ڏينهن يعني 18 ۽ 19 جولاءِ دوران 63 شهرين جي فوت ٿيڻ جا اطلاع آهن، جن مان اڪثريت پنجاب جي آهي.

اين ڊي ايم اي پاران جاري ڪيل ايڊوائيزري ۾ 18 جولاءِ کان 21 جولاءِ (سڀاڻي) تائين سنڌ ۽ پنجاب جي مٿين علائقن ۾ شديد برساتن جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. ان حوالي سان ماهرن جو اهو به چوڻ آهي ته هن ڀيري چوماسو چار ڏينهن پهريان شروع ٿيو. جون جي آخر ۽ جولاءِ جي شروعات ۾ 82 سيڪڙو برساتون ٿيون، جيڪي 2024 جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽيون آهن. اين ڊي ايم اي جو چوڻ آهي ته ان وسڪاري جي حوالي سان جيڪي ايڊوائيزريز جاري ڪيون، انهن جي باوجود زميني سطح تي گهٽ ردعمل سامهون آيو. خاص ڪري پنجاب، سنڌ ۽ ڪي پي ۾ گهڻو نقصان ٿيو. جيڪڏهن پهريان رٿابندي ڪئي وڃي ها ته ايترو نقصان نه ٿئي ها. هن ڀيري ماهر اهوئي چئي رهيا آهن ته 2025 جي چوماسي جي مند وڏي امتحان سان گڏ سامهون آئي آهي. برساتون وڌيڪ تيز پئجي رهيون آهن. اميدن کان هتي ڪري هوائون ۽ شهري ۽ ٻهراڙين ۾ بنيادي ڍانچو ڪمزور هجڻ سبب ڪيترائي علائقا متاثر ٿي رهيا آهن.

ملڪ جي مختلف علائقن ۾ برساتن ۽ ٻوڏ جهڙي صورتحال سبب بيمارين به منهن ڪڍيو آهي ۽ شهرين جو وڌيڪ جاني نقصان ٿي رهيو آهي. تازين برساتن دوران پنڊي جي نالہ لئي، اسلام آباد، لاهور ۽ سنڌ جي حيدرآباد سميت مختلف شهرن وڏي تباهي ڏٺي آهي. انهن کي اندازو آهي ته اسان هيل تائين موسمي خطرن کي معمولي سمجهي رهيا هئاسون.

ملڪ ۾ برساتن ۽ ٻوڏ جهڙي صورتحال کي سامهون رکندي هڪ انگريزي اخبار پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ ڄاڻايو ته، ”مدر نيچر هڪ ڀيرو ٻيهر بيرحم موڊ ۾ آهي. صرف 24 ڪلاڪن اندر 60 جانيون ضايع ٿي ويون، ۽ 300 شهري زخمي ٿيا.“

ان اخبار موجب ملڪ جي سمورن علائقن جي ڀيٽ ۾ راولپنڊي سيني کان وڌيڪ متاثر ٿيو، جتي ڳڙي سان گڏ برسات وئي، جنهن سبب ليہ نالا ۾ ٻوڏ جنم ڏنو. چڪوال جي صورتحال به بهتر نه هئي، جنهن ڪري فوج کي طلب ڪرڻو پيو، جنهن ڦاٿل شهرين کي ريسڪيو ڪيو.“



تصوير ايڪسپريس ٽربيون جي ٿورن سان



گيٽي اميجز

ڊيزاسٽر مينجمنٽ جي عملدارن مطابق هن سال چوماسي جي شدت گذريل سالن جي ڀيٽ ۾ 60 کان 70 سيڪڙو وڌيڪ آهي. آگسٽ جي پڇاڙي کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ چار وڌيڪ چوماسي جا اسپيلز اچڻ جو امڪان آهي. موسمياتي تبديلي هڪ تسليم ٿيل حقيقت آهي، ان جا اثر پاڻي، زراعت، صحت، حياتياتي جيوت، ٻيلن ۽ سماجي ۽ معاشي شعبن ۾ واضح طور تي نظر اچي رهيا آهن.

موسمي تبديلي جي حوالي سان بين الحڪومتي پينل مطابق موسمياتي تبديلين جا اثر اسريل ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهٽ ترقي ڪيل ۽ اسرندڙ ملڪن لاءِ وڌيڪ خطرناڪ آهن. جيڪڏهن ان حقيقت کي هيٺئين سطح، يعني ڪميونٽي سطح تائين ڏسون ته موسمي تباهيءَ کان وڌيڪ متاثر غريب ٿين ٿا، ڇاڪاڻ ته انهن وٽ وسيلا ۽ معلومات تائين رسد محدود آهي. انساني سرگرمين کي دنيا جي مختلف خطن ۾ موسمي تبديلي سبب پيدا ٿيل آفتن جو ذميدار قرار ڏنو ويو آهي. گهٽ آمدني وارا شهري ان جو وڌيڪ شڪار ٿين ٿا.

اسان وٽ گهڻو ڪري موسم گرم آهي. ملڪ جاگرافيائي طور تي اهڙي خطي ۾ واقع آهي، جتي عالمي گرمي جي درجي کان وڌيڪ گرمي هوندي آهي. ملڪ جو اڪثر علائقو غير آباد يا نيم غيرآباد ايراضي تي ٻڌل آهي، جيڪو 60 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ آهي، جتي ساليانو 250 ملي ميٽر برسات پئي ٿي، ۽ 24 سيڪڙو علائقي ۾ 250 کان 500 ملي ميٽر برسات ريڪارڊ ڪئي وئي آهي. هتي درياهه گهڻو همالياڻي گليشيئرز سان جڙيل آهن، جيڪي دنيا جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تيزي سان ڳري رهيا آهن.

ملڪي معيشت گهڻو ڪري زرعي آهي، جيڪا موسمي تبديلي لاءِ انتهائي حساس آهي، جنهن سبب سوڪهڙو ڊگهي عرصي تائين رهي ٿو ۽ برساتون معمول ٽڙيل آهن. سنڌ، ملڪ جي سمورين ايڪائين ۾ حساس سمجهي وڃي ٿي، جنهن جي جاگرافيائي، هنڌ، سماجي ۽ اقتصادي ڪمزوري ۽ موسمي حالتون وڌيڪ حساس آهن. هتي بدين جهڙي تيل سان مالا مال ضلعي ۾ به غربت 54 سيڪڙي جي لڳ ڀڳ آهي. صوبي جا هيٺاهينءَ وارا علائقا به هميشه برسات سبب ٻوڏ جي منهن ۾ رهن ٿا. سنڌ جي جي ڊي پي ۾ زراعت جو حصو 24 سيڪڙو آهي ۽ 70 سيڪڙو شهري ان شعبي سان روزگار سان لڳل آهن.

هيءَ ڳالهه به اهم آهي ته 2050 تائين سنڌ ۾ گرمي پد ۾ 1.9 کان 2.4 ڊگري سيلسس تائين واڌ ايندي، سامونڊي علائقن: ڪراچي، ٺٽو ۽ بدين ۾ گرمي ان کان به وڌيڪ وڌي سگهي ٿي. سردي ۾ گهٽتائي ۽ گرمي ۾ واڌ جا اثر ڪڻڪ جي فصل تي پوندا، جنهن سان فصل جي پيداوار به گهٽجي ويندي.

ورلڊ بينڪ جي هڪ رپورٽ South Asia’s Hotspotمطابق ”پاڪستان ۾ سنڌ سيني کان وڌيڪ موسمياتي تبديلي جي خطرن کي منهن ڏيندي. ان کانپوءِ پنجاب جو وارو اچي ٿو. سنڌ جي في ڪس جي ڊي پي 1400 ڊالر آهي، جيڪا ملڪ جي ٻين حصن کان 35 سيڪڙو وڌيڪ آهي. سنڌ ۾ سيني کان متاثر حيدرآباد آهي، جنهن بعد ميرپورخاص ۽ سکر شامل آهن.“


رپورٽ مطابق ”سنڌو درياهه جو ڊيلٽا سخت گرمي جي زون ۾ آهي. گرمي پد ۾ ڪنهن به واڌ جا انساني صحت تي خطرناڪ اثر پوندا ۽ ڪيترين ئي بيمارين به منهن ڪڍنديون. ٻوڏ، سوڪهڙي ۽ طوفان کان انساني آبادين کي وڌيڪ خطرو آهي.“

ماهرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن سنڌ سميت سموري ملڪ کي مصيبتن کان بچائڻو آهي ته ڏيهي توڙي پرڏيهي ماهرن جي راءِ کي سامهون رکندي ماحولياتي تحفظ جو نئون مڪينزم جوڙڻو پوندو. ■

پارت جي ’پاڻي جي دهشتگردي‘:

# پارت والاريل ڪشمير ۾ تڪراري وولر بئريج رٿا تي پيهر ڪم شروع ڪري ڏنو

تُلبُل نيويگيشن پروجيڪٽ (جيڪو وولر بئريج جي نالي سان بہ مشهور آهي) والاريل ڄمون ۽ ڪشمير جي سوپور علائقي ۾ جهلم درياهہ تي پاڻيءَ جو هڪ اسٽوريج ٺاهڻ وارو آهي. پارت ان ڪنٽرولڊ اسٽوريج ۾ گهٽ پاڻي واري موسم ۾ وولر ڍنڍ جي وهڪري کي منظم ڪندي. هن پروجيڪٽ جو مقصد لڳ ڀڳ 300,000 (ٽي لک) ايڪڙ فوٽ پاڻي ذخيرو ڪرڻ آهي.



پارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ پاڻيءَ جي جنگ هڪ نئين صورتحال اختيار ڪرڻ واري آهي، ڇو تہ پارتوالاريل ڄمون ۽ ڪشمير ۾ تُلبُل نيويگيشن پروجيڪٽ پيهر شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

پريس ٽرسٽ آف انڊيا جي هڪ تازي رپورٽ موجب، تفصيلي پروجيڪٽ رپورٽ تيار ڪرڻ جو ڪم شروع آهي، جنهن کي مڪمل ٿيڻ ۾ لڳ ڀڳ هڪ سال لڳندو ۽ پوءِ اهو اختيارين اڳيان پيش ڪيو ويندو. اهو پارت جو پهريون قدم آهي، جيڪو هلندڙ سال جي اپريل مهيني ۾ پارت پاران سنڌو طاس معاهدي جي معطلي کان پوءِ سامهون آيو آهي.

هن قدم سان پارت جي نئين پاليسي نمايان ٿئي ٿي، جيڪا علائقي ۾ پاڻيءَ جي وسيلن تي پنهنجي بالادستي ظاهر ڪري ٿي. جيئن تہ ڪيترائي ماهر چوندا آهن، اها هڪ نئين پارت جي عڪاسي ڪري ٿي، جيڪو پاڪستان جي حوالي سان پنهنجي موقف ۾ وڌيڪ اڳرائيءَ وارو آهي.

تُلبُل نيويگيشن پروجيڪٽ والاريل ڄمون ۽ ڪشمير جي سوپور علائقي ۾ جهلم درياهہ تي پاڻيءَ جو هڪ اسٽوريج ٺاهڻ وارو آهي. هن ڪنٽرولڊ اسٽوريج سهولت جو مقصد گهٽ پاڻي واري موسم ۾ ولر ڍنڍ جي وهڪري کي منظم ڪرڻ آهي. هن پروجيڪٽ جو مقصد لڳ ڀڳ 300,000 (ٽي لک) ايڪڙ فوٽ پاڻي ذخيرو ڪرڻ آهي. هن پروجيڪٽ مان پارت هائيڊرو پاور پيدا ڪرڻ کانسواءِ ملڪ اندر ٽرانسپورٽيشن توڙي ٻيا بہ لاڀ پرائيندو. هن پروجيڪٽ تي ڪم چار ڏهاڪا اڳ 1984 ۾ شروع ٿيو هو، پر پاڪستان ان پروجيڪٽ خلاف سخت تحفظات داخل ڪيا هئا، جنهن سبب پروجيڪٽ رڪجي ويو هو. بعد ۾ 1986 ۾ جڏهن ان تي ڪم پيهر شروع ٿيو تہپاڪستان واٽرز ڪميشن سان پنهنجي تحفظات جو اظهار ڪيو. آخرڪار 1987 ۾، ڪيترن اعتراضن کان پوءِ پارت ان پروجيڪٽ تان هٿ ڪڍي ويو.

2010 ۾ ان وقت جي ڄمون ۽ ڪشمير حڪومت پروجيڪٽ تي ڪم پيهر شروع ڪيو. پاڪستان چيو آهي تہ تُلبُل پروجيڪٽ سنڌو طاس معاهدي جي شرطن جي ڀڃڪڙي آهي، پر انتهاپسند مودي جي سرڪار اها ڳالهہ سمجهڻ يا محسوس ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. پارت جو چوڻ آهي تہ پنهنجين جغرافيائي حدن اندر قدرتي وسيلن کي استعمال ڪرڻ جو ان کي مڪمل حق آهي. جيئن تہسنڌو طاس معاهدي تحت پارت کي اولاهين درياهن کي غير استعمالي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جو حق ڏنو ويو هو، انڪري پارت اولاهن درياهن مان هڪ يعني جهلم نديءَ تي اهو پروجيڪٽ ٺاهي رهيو آهي. ■

*سنڌيڪار: محمد اقبال جاکرو*

## مينهن ٿر جي مُرڪ

حاجي محمد ڪنير



مينهن ٿر جي اهڙي مرڪ آهي، جيڪا هر ڪنهن کي تمام گهڻي وڻندي آهي، ڇو تہ ان برسات ۾ ٿر جي اها فطري سونهن شامل هوندي آهي، جنهن سان سڄو ٿر واسجي ويندو آهي. هونئن بہ ٿر ۾ برسات وسڻ لاءِ هر ماڻهو ائين تڙپندو آهي، جيئن تاڙو مينهن لاءِ، تڏهن تہ ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ.

”ٻيجا سڀ ورڇڻا، متان ورڇي ڪارا ميگهہ،
تئين ورڇي پوپٽ ڏلسين منهنجا ساجن ٿياسين ڇيهہ.“
(ٻيا پلين ڪاوڙجڻ پر اي برسات، تون نہ ڪاوڙجان، ڇو تہ تنهنجي ڪري ڏيهہ سڄو پريشان ٿيندو ۽ منهنجا ساجن پري پري رلي ويندا.)

اها برسات، جنهن ۾ سرهائي شامل آهي، اها هن سال بہ ٿر جي پٽن تي اوڙڪون ڪري وسي آهي.

## خيرپور ناٿن شاهہ ۾ برساتي صورتحال ڳڻتيءَ جوڳي

مدهوش مير




سنڌ جي ٻين علائقن وانگر خيرپورناٿن شاهہ ۾ بہ برساتن جو سلسلو جاري آهي، پر هتي جي صورتحال ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ نازڪ بڻجي وئي آهي. ياد رهي تہ هي تعلقو اڳ ۾ بہ 2010 ۽ 2022 جي ٻوڏن سبب وڏي تباهي جو شڪار ٿي چڪو آهي. گذريل ٻوڏن کان پوءِ بندن ۽ مَورين جي مرمتي ڪم تي ڌيان نہ ڏنو ويو آهي، جنهن سبب موجوده برساتن دوران پاڻيءَ جي سطح وڌڻ سان شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن کي پيهر ٻوڏ جو خطرو لاحق ٿي سگهي ٿو. شهرين ۾ پڻ خوف ڇانيل آهي. مقامي شهرين جو چوڻ آهي تہ انتظاميا پاران اڳواٽ حفاظتي اپاءَ نہ وٺڻ افسوسناڪ آهي.

غلام علي گل ٻجورو

ٻيلو شهر (سجاول)

اسان جي ضلعي سجاول جي يونين ڪائونسل ٻيلو جي عوام جا برسات ۾ سور ٻيڻا ٿي وڃن ٿا. هن يونين ڪائونسل ۾ پاڻيءَ جي نيڪال جو ڪو بہ بندوبست ناهي، جنهن ڪري برسات جو پاڻي ڳوٺ جي گهٽين توڙي زمينن ۾ ڪافي وقت تائين بيٺل رهي ٿو، جنهن سبب هاري ۽ زميندار وڏي نقصان کي منهن ڏين ٿا. هن يونين ڪائونسل جا ماڻهو مليريا، چمڙي ۽ ٻين بيمارين ۾ ورتجي وڃن ٿا.

ان کان علاوه هن يوسي جو ٿتي، ٻيلي ۽ دڙي کي ڳنڍيندڙ (ٻيلو_ دمدمون روڊ) سالن کان نہ ٺهڻ ڪري برسات جي موسم ۾ ماڻهو وڏين مشڪلاتن کي منهن ڏين ٿا. ■



’مئين ڪوسا ڪاڇا هان...مئين ڏاڍا پياسا هان‘

# ڪاڇو اڃا ابر آسري





رپورٽ ۽ تصويرون:

عباس جنگواڻي

هلندڙ سانوڻ مهيني جي شروعاتي ٻن وسڪارن دوران ڪاڇي ۾ ڪا خاص برسات نہ پئي آهي ۽ هينئر، چنچر، 19 جولاءِ تائين کيرٿر ڪان ڪا بہ نئن وڏي وهڪري سان وهي نہ آئي آهي. نئن گاج ۾ 4 فوٽن جا بہ وهڪرا گذريا آهن. پر کيرٿر جا، جابلو مخلوق جي اڄ اجهائيندڙ چرع ڍورا اڃا خالي آهن . نئن گاج سميت ڪاڇي جي سموري ڪمانڊ ايريا ۾ رهندڙ ڪاڇيلا برسات جي لاءِ آسائتا آهن. شهداڪوٽ کان شاھ حسڻ تائين لکين ايڪڙ باراني زمينون پڻ ابر آسري آهن تہ ڪوسانوڻيءَ جو ڪڪراتريا پورپ پار کان ولهار ڪري ڪاڇي جي اڃي اڄ اجهائي .

موسميات کاتي جي اڳڪٿين موجب هيل سانوڻ شل خير جو وسي پوي. جون کان ڪاڇيلن کي برسات جو اوسيئڙو رهندو آهي تہ، هيل ضرور وسڪارو ٿيندو، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪارا بادل اوپر کان اولهہ طرف، ڪنوڻيون، گوڙ ۽ گهمسان ڪري گذرندا ويندا آهن. جون مهيني ۾ ڪو هڪ اڌ وسڪارو، ڪٿي ڪٿي ٿيو ۽ پٽ پُسيو، جڏهن تہ جولاءِ مهينو، جيڪو سانوڻ رت جي ڦوھ جواني ۽ ڪَتيءَ جي مند جو مهينو سمجهيو ويندو آهي ، اُن ۾ اڃا بادل برسڻ جو انتظار آهي.

جولاءِ مهيني جي برساتن تي ڪاڇي جي زمين ۾ هر قسم جا فصل پلا ٿيندا آهن، جن ۾ جوئر، گوار، تر، ٻاجهري ۽ ميها شامل هوندا آهن. ٿورڙي وقت لاءِ چني ۽ ان جي آسپاس جي انساني آبادي توڙي جانورن جي گذاري واسطي پاڻي لپ آئي آهي. 15 جولاءِ کان وڪرمي مهيني سانوڻ جو شروعاتي هفتو شروع ٿيندو آهي .الله ڪري ڪاڇي سميت سمورن سنڌ مٿان خير جا ڪڪر ڪرم ڪن ۽ انساني جانين ۽ مال ملڪيت جو خير هجي . ■



فاصلاتي ڪچهري

## سنڌ ۾ ڪٿي بوندون بس نہ ڪن، ڪٿي سوڪهڙو

ڪاوش دنيا هن ڀيري واري فاصلاتي ڪچهريءَ ۾ پنهنجي پڙهندڙن اڳيان هيءُ سوال رکيو: ”اوهان جي علائقي ۾ برسات جي صورتحال ڪيئن آهي؟ ماڻهو ڪيئن ٿا محسوس ڪن؟ ڪو نقصان ٿيو هجي تہ اهو بہ مختصر طور ٻڌائيندا.“ ان سوال جي موٽَ ۾ جيڪي جواب آيا، تن مان چونڊ جواب هِتي ڏجن ٿا:

### ميوارام نجار_ عمرڪوٽ:

انبن ۽ اين جي اوز جي ڪري مشهوري ماڻيندڙ سنڌ پرڳڻي جي چوٿين وڏي شهر ميرپورخاص جا رهواسي سانوڻيءَ جي مند جي برسات لاءِ وڏي وقت کان واجهائي رهيا آهن. جيتوڻيڪ چنچر ڏينهن هيءَ راءِ لکڻ تائين سج گم ۽ آسمان تي ڪارا ڪڪر اچي ويا آهن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ شام تائين مولا ميرپورخاص تي مهربان ٿئي. ها البت برسات وسڻ ڪانپوءِ ان جي پاڻي جي نيڪالي ۽ بجلي، جيڪا اڳ ئي سانگهڙ کان 170 وولٽ تي هلي پئي، ان ۾ وڏي رنڊڪ اچي سگهي ٿي.

### سليم راهمون

ننگرپارڪر ۾ خوبصورت موسم لڳي پئي آهي. پوريءَ سنڌ جا سياح گهمڻ اچي رهيا آهن. رات کان رم جهم هلي پئي. گاھ آڳاٽا ڦٽي آيا آهن. هر هنڌ ساوڪ آهي.

### عبدالستار لغاري

اسان جي ڳوٺ گلاب لغاري ۽ ڀرپاسي ۾ هن وقت تائين (چنچر تائين) برسات نہ پئي آهي. پاڻي جي سخت کوٽ پيدا ٿي وئي آهي. آبادگار، هاري، مزدر ۽ ٻين شعبن جا ماڻهو پاڻي نہ هئڻ سبب سخت پريشان آهن. آبادگارن پاران قرض کڻي پوکيل مختلف فصلن جا ٻيجارا سڪڻ لڳا آهن.

### نياز ڪنڀر

ڳوٺ هريار، تعلقہ مٺي ۾ چنچر ڏينهن (ڪلهہ) صبح هلڪي برسات وسي. موسم خوشگوار آهي.

### سجاد علي شورو

ڪاڻوٺ، ضلعو ڄامشورو

ڳوٺ ڪوريجا واسي محنتي پورهيت مجنون ڪوريجو، بہ ڏينهن اڳ تيز طوفاني هوا سبب دڪان جي ڇت تان سولر پليٽ مٿي تي ڪِرڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو. هن وقت هو سول اسپتال حيدرآباد ۾ وينٽيليٽر تي آهي. طوفان کان پوءِ برسات شروع ٿي وئي، جنهن سان گرميءَ جو زور ٽٽي ويو ۽ موسم خوشگوار ٿي پيئي. اڄ (چنچر) تي بہ ڪاڻوٺ مٿان ڪڪرن جي ڪارائڻ لڳي پئي آهي. اجهو مينهن وُٺو.

### هريش مهيشوري_ ميرپورخاص

هن دفعي مطلب تہ اڄ چنچر تائين بہ عمرڪوٽ شهر ۽ ان جي آسپاس جي لڳ ڀڳ ٽيهہ چاليهہ ڪلو ميٽرن جي علائقن ۾ ڪا بہ زوردار برسات نہ وسي آهي، تنهن ڪري نہ صرف هتي جي واريا سي پٽن تي ڪا ساوڪ نظر نٿي اچي پر ڪجهہ ٻڙاجي حصن ۾ بہ فصل سوڪهڙي جي حالت ۾ آهن. سو انهن علائقن ۾ اڃا تائين ماڻهن جون نظرون اڀ ۾ ڪتل آهن. مڙئي مينهن جو چند ڪڻيون وسيون آهن.

### جاويد مريد نهڙيو _پوريلو ٿرپارڪر

ٿرپارڪر ۾ هيل برسات پئي تہ آهي، پر هينئر سانوڻ جو مهينو هلي پيو. انهيءَ مهيني ۾ جيڪا سانوڻي جي برسات پوندي آهي، سا پوڻ سان پوکيل فصل بحال ٿيڻ ۽ گاھ سنو ٿيڻ ڪري سُڪار ٿيندو آهي. ٿرپارڪر جي ڪافي علائقن ۾ جوڳي برسات نہ پئي آهي. خدا شل خير ڪري. وقت تي برسات پوي، نہ تہ مارو ماڻهن جو وڏو نقصان ٿيندو.


### آفتاب سليمان لغاري_چمبڙ

هاڻوڪي سانوڻيءَ جي وسڪارن ۾ تعلقي چمبڙ جي يونين ڪائونسل لانڊي جا رهواسي انيڪ ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن. هڪڙي پاسي برسات جون چند بوندون وسندي ئي بجلي جو نظام ڪيترن ئي ڏينهن تائين بحال ناهي ٿي سگهندو، ٻيو تہ تازي برسات ڪانپوءِ سڄي ٻوسي ۾ مڇرن جي آزار سبب ماڻهن توڙي چوپائي مال جو جيئڻ جنجال بڻيل آهي. مالوندن جو لکين رپين جو چوپايو مال مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ جو خدشو پڻ آهي. افسوس جو ٻوسي لانڊي جي چونڊيل نمائندن سميت سرڪاري سطح تي ڪنهن بہ پرگهور ناهي لڌي. ■

## پامڪ جو ناول ”ميوزيم آف انوسينس“ نه رڳو ٻن ڪردارن جو قصو آهي، پر اهو استنبول سان پامڪ جي عشق جو به داستان آهي.


# استنبول ۾ ’معصوميت جو ميوزيم‘


پامڪ پنهنجي ناول ۽ ميوزيم تي هڪ ئي وقت ڪم شروع ڪيو هو. منهنجو به شوق هو ته آئون نه فقط ناول جي ڪردارن کي پنهنجي تخيل ۾ ڏسان، پر هن ميوزيم جي ذريعي انهن کي محسوس به ڪيان. ميوزيم ناول جي 83 بابن جي مطابق ترتيب ڏنل هو. هر حصي ۾ ناول جي انهيءَ باب سان جڙيل شيون رکيل هيون. ڪٿي فسون جي گهر جو سامان پيل هو، ڪٿي سندس ٻالڪپڻ جا رانديڪا. هڪڙو سڄو شيلف انهن 4213 سگريٽ جي ٽوٽن تي مشتمل هو، جيڪي فسون چڪي ايش ٽري ۾ اجهائيندي هئي ۽ جن کي ڪمال سالن تائين گڏ ڪندو رهيو هو.



منوج ڪمار

جون 2023 جي اها شام استنبول ۾ اسان جي آخري شامن منجهان هئي. منهنجي هٿ ۾ هڪ ڪتاب هو ۽ ٻئي هٿ ۾ موبائل فون تي گوگل ميپ کُليل هو. آئون استقلال اسٽريٽ جي پوئين پاسي چڪرجما جي علائقي جي وروڪڙ واري گهٽين ۾ ڦري رهيو هئس. اهو علائقو استنبول جي بوهيمن ماڻهن، فنڪارن، مصورن، ليکڪن ۽ مجسمي سازن جو ڳڙهه سمجهيو ويندو آهي. ان علائقي جي هر موڙ تي ڪو اسٽوڊيو هو، جنهن ۾ ڪو مجسمي ساز پنهنجي مجسمي ۽ مصور پنهنجين تصويرن جي تخليق ۾ گم هئا. هر گهٽيءَ ۾ ڪو انٽيڪ شاپ هو،







جتي دڪاندار يورپي سياحن سان پراڻن سامانن جي اگهن تي بحث ڪري رهيا هئا، پر هتي مونکي هڪ ميوزيم جي ڳولا هئي، جنهن کي گهمڻ جو چاهه به هڪ سبب هو، ۽ جيڪو مونکي ترڪيءَ وٺي آيو هو. پر انهيءَ ميوزيم ۾ ڪو به تاريخي، ثقافتي يا قديم آثارن سان جڙيل مواد نه هو. اصل ۾ انهيءَ ميوزيم ۾ ڪا به اهڙي شئي نه هئي، جنهن جو حقيقت سان ڪو واسطو هجي. اهو ميوزيم هڪ ناول جي ڪردار سان جڙيل تصوراتي شين تي مشتمل هو. انهيءَ ميوزيم جو نالو ”معصوميت جو ميوزيم“ هو ۽ اهو نوبل انعام يافته ترڪ ناول نگار اورحان پامڪ جي ساڳئي نالي واري ناول تي ٻڌل هو.

پر مونکي انهيءَ ميوزيم گهمڻ جو چاهه ڪيئن ٿيو؟

ٿيو ايئن جو ڪووڊ جا ڏينهن هجن ۽ آئون لاڪ ڊائون جي ڪري گهر ۾ قيد هئس. انهن ڏينهن ۾ وقت گذارڻ جو وڏو ذريعو ڪتاب ئي هئا. انهن ۾ منهنجي پسنديد ليکڪن جا اهي ڪتاب اڳي ئي شامل هئا، جن کي پڙهڻ جي خواهش ۾ منهنجيون مصروفتون رڪاوٽ بنيل هيون. انهن ۾ اورحان پامڪ جو ناول ”ميوزيم آف انوسينس“ به شامل هو. تقريبن 750 صفحن جي ان ناول اٿندي ئي مونکي پنهنجي پڪڙ ۾ وٺي ڇڏيو هو. وڏ گهراڻي جي نوجوان ڪمال جي پنهنجي غريب مائٽياڻي فسون سان عشق ۽ طبقاتي فرق واري انهيءَ عشق جا مسئلا ۽ ڪمال جو انهيءَ عشق ۾ جنون جو داستان ايترو اثرائتو هو، جو ناول ختم ٿيڻ تي منهنجي پنبڻين ۾ ڳوڙها اٽڪيل هئا. ناول ۾ اهو ڏيکاريو ويو هو ته، ڪمال پنهنجي محبوبه سان جڙيل هر شئي کي ڪيئن گڏ ڪندو آهي. انهن ۾ سگريٽ جا ٽوٽا به هئا، جيڪي هوءَ ايش ٽري ۾ اجهائيندي هئي، ته سندس لباس کان وٺي ٽوٽ برش، ڦڻيون، اهي ماچس جون دٻيون، رانديڪا ۽ استنبول جي منظرن جي تصويرن سميت هزارين شيون شامل هيون. آخر ۾ جڏهن فسون جڏهن گذاري ويندي آهي ته ان جي ياد ۾ هُو هڪ ميوزيم ٺاهيندو آهي، جنهن ۾ ساڻس جڙيل سڀ شيون رکيل هونديون آهن. ناول هڪ حقيقي ڪردار تي ٻڌل هو، جنهن پنهنجي محبوبه جي ياد ۾ اهڙو ميوزيم جوڙيو هو.

ناول جي آخري صفحي تي مونکي خبر پئي ته اورحان پامڪ واقعي به استنبول ۾ هڪ ميوزيم جوڙيو آهي، جيڪو هن ناول جي ڪردارن سان جڙيل شين ۽ منظرن جي باري ۾ آهي.

پامڪ جو ناول نه رڳو ٻن ڪردارن جو قصو آهي، پر اهو استنبول سان پامڪ جي عشق جو به داستان آهي. هن ميوزيم ۽ ناول جي ذريعي پامڪ استنبول جي سماجي تاريخ کي به رقم ڪرڻ پئي چاهيو. انهيءَ لاءِ هُن استنبول جي انهيءَ دور جو سامان گڏ ڪرڻ شروع ڪيو.

پامڪ پنهنجي ناول ۽ ميوزيم تي هڪ ئي وقت ڪم شروع ڪيو هو. هُن رڳو ڪهاڻي ٻڌائڻ نه پئي گهري، پر ان کي هڪ جسماني روپ ڏيڻ پئي چاهيو. ۽ منهنجو به شوق هو ته آئون نه فقط ناول جي ڪردارن کي پنهنجي تخيل ۾ ڏسان، پر هن ميوزيم جي ذريعي انهن کي محسوس به ڪيان. مون وٽ هٿ ۾ ناول جي ڪاپي هئي، جنهن جي آخر ۾ ميوزيم ۾ داخلا جي ٽڪٽ ڇپيل هئي، جنهن کي ٺپو هڻائي آئون ميوزيم ۾ اندر داخل ٿيس.

ميوزيم ناول جي 83 بابن جي مطابق ترتيب ڏنل هو. هر حصي ۾ ناول جي انهيءَ باب سان جڙيل شيون رکيل هيون. ڪٿي فسون جي گهر جو سامان پيل هو، ڪٿي سندس ٻالڪپڻ جا رانديڪا. هڪڙو سڄو شيلف انهن 4213 سگريٽ جي ٽوٽن تي مشتمل هو، جيڪي فسون چڪي ايش ٽري ۾ اجهائيندي هئي ۽ جن کي ڪمال سالن تائين گڏ ڪندو رهيو هو.

پامڪ ڪنهن جڳهه تي چيو هو ته عام طور ميوزيم قومن جي شان کي ڏيکارڻ لاءِ ٺاهبا آهن، پر هي ميوزيم هڪ تصوراتي فرد جي ياد ۾ هو. هن ميوزيم جيڪي پرفيوم جون پراڻيون بوتلون، رومال، سلائي مشين، ڦڻيون ۽ ٻيون شيون پيل هيو اهو به هڪ الميائي قصي سان پڙهندڙن جي وابستگي کي وري جوڙڻ لاءِ هيو.


پامڪ لکيو هو ته، ڪنهن جي سار ڪنهن سڌي لڪير وانگر نه هوندي آهي، جيڪا اڳيان وڌندي رهي، پر سار اها ور وڪڙ ۽ دائرن ۾ ڦرندي رهندي آهي. ميوزيم به انهيءَ فڪر تحت ڊزائن ڪيو ويو، جنهن ۾ فسون سان جڙيل شيون وقت جي سڌي ترتيب ۾ نه هيون، پر ياد جي دائرن ۽ وروڪڙن مطابق هيون. جيتوڻيڪ ليکڪن جي گهرن ۽ تخليقن جي حوالي سان ٻيا به ميوزيم آهن، پر پامڪ جو ميوزيم انهيءَ لحاظ کان منفرد آهي جو اهو فقط هڪڙي ڪردار تي مرڪوز آهي، جنهن ۾ حقيقت ۽ فسانے جي وچ واري لڪير ميسارجي ويل آهي.

ٿِ ماڙ واري ان ميوزيم جي آخري گيلري گهمڻ ڪانپوءِ اتان ڪنهن ٻي ڏاڪن مان لهي آئون واپس گهٽيءَ ۾ آيس. اتي ڪٿي مونکي پامڪ جا لفظ ياد آيا ته، ”زندگي وڏن واقعن جي نه پر احساسن سان ڀنل ننڍڙن ۽ عام لمحن جي ٺهيل آهي.“ پامڪ انهيءَ ميوزيم ۾ انهن احساسن سان ڀريل عام لمحن کي محفوظ ڪيو ويو هو. ■

## دل جو سوڳ – قلم جي پيڙا

# جوهر بروهي سنڌي ۽ بروهڪي ٻولين جي وچ ۾ هڪ پُل هيو

جوهر بروهي هليو ويو، ڄڻ سنڌي ۽ بروهي شعر ۽ ادب جي صديون پراڻي حويليءَ مان هڪ سِر نڪري وئي هجي. هو رڳو شاعر ۽ اديب ڪونه هيو، پر سنڌي ۽ بروهڪي ٻولين جي وچ ۾ هڪ پُل پڻ هيو. هو سنڌي ۽ بروهڪي ٻولين جي وچ ۾ محبت، فهم ۽ تخليق جو ڳانڍاپو هميشه سگهارو ڪندو رهيو. سچ ته هو انهن ٻنهي قديم ٻولين جي ادبي تاريخ جو هڪ نمائندو هيو. سندس هن دنيا مان هليو وڃڻ سنڌي شاعريءَ ۽ ادب جو نقصان ته پنهنجي جاءِ تي آهي پر بروهڪي ٻوليءَ جي هڪ سگهاري روايت جو هليو وڃڻ پڻ آهي.







ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي

رسيس ملي ته اسڪول جي پٽيوالي ڪاڪي محمد چُتل ميمڻ ڪان ٻن آنن جا پڪڙا وٺي ٻاهر ميدان ڏانهن وڃڻ لڳس ته، پويان هيڊ ماستر صاحب سڏ ڪيو. مان پوئتي موٽي سندس پرسان ويس ته هن بجليءَ جو هڪ بِل ڏيندي چيو، "درگاهه (امروٽ شريف) تي وڃ، هي بِل سائين سراج احمد شاهه کي ڏئي اچ." درگاهه ۽ اسڪول جي وچ ۾ رڳو منٽ سَوا جو پنڌ هو. جنوريءَ جو مهينو ٿي هليو. اُن ڏينهن ڏاڍي ٿڌي هوا گُهلي رهي هئي. مان مٽي تي مفلر ويڙهي ڊوڙندو درگاهه تي پهتس. سامهون ئي مولانا عبيدالله سنڌيءَ واري حُجري ۾ سائين سراج احمد شاهه، اسان جي اسڪول جو استاد سائين ڪفايت الله ڏهر ۽ هڪ ٽيون ماڻهو ويٺل نظر آيا. مان اوڏانهن ويس ۽ سائينءَ کي بل ڏئي پوئتي موٽڻ لڳس ته سائين ڪفايت الله مون کي روڪيو ۽ ان ماڻهوءَ کي ٻڌايائين، "هي ٻارڙو ٻه ڪتابن جو ڪيڙو آٿوَ. گذريل سال ٻارڙن جي هڪ رسالي ۾ ان جي ڪهاڻي ٻه ڇپي آهي."

ان ماڻهوءَ جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي ۽ هڪدم چرڪ ڀري اٿيو ۽ مون کي ڀاڪر پائي، نرڙ تي چُمي ڏئي شفقت وچان مٿي تي هٿ ڦيري ۽ شاباشي ڏيندي رڳو هڪ جملو چيو، "بابلا! منهنجو نالو جوهر بروهي آهي." اهڙيءَ طرح جوهر بروهيءَ سان منهنجي پهرين ملاقات اُن وقت ٿي، جڏهن مان ڪيس ڪونه سڃاڻيندو هوس. مون کانئن موڪلائي اسڪول ڏانهن ڊوڙ پاتي.

ڏهاڪو ڏينهن ڪانپوءِ اسڪول جي ايڊريس تي جوهر بروهيءَ پاران موڪليل هڪ پارسل مليو، جنهن ۾ گل ڦل جا ڪي تازا پرچا ۽ ٻارن لاءِ شاعريءَ جا ٽي ڪتابڙا "گيت گلابي ٻارن جا" (استاد بخاري)، "چنڊ پشم گولو" (ادل سومرو) ۽ "گل ۽ تارا" (اياز گل) سوکڙيءَ طور موڪليل هئا. ڪتابن سان گڏ هڪ خط ٻه هو، جنهن ۾ لکڻ پڙهڻ جي حوالي سا تلقين ڪيل هئي. ستين درجي کان شروع ٿيل محبت، خلوص ۽ پنهنجائپ وارو اهو تعلق سائين جوهر بروهيءَ پنهنجن آخري پساهن تائين دل جي حضور سان نڀايو. ساڻس آخري ڳالهه ٻولهه موبائيل تي ٻه هفتا کن اڳ ٿي، جنهن ۾ هن آڪٽوبر مهيني ۾ فريد آباد ۾ رٿيل "براهوي ادبي ڪانفرنس" لاءِ کي صلاحون ورتيون ۽ مون تي شرڪت لاءِ زور رکيائين.

16 جولاءِ (2025) تي صبح جو آفيس ۾ پنهنجي محبوب شاعر ساحر راهوءَ طرفان موڪليل سندس تازي شعري مجموعي "رقصِ وجدان" جو لفافو کولي رهيو هوس ته ميز تي رکيل موبائيل ۾ ميسيج اچڻ جو آواز ٿيو. ڏٺم ته جوهر صاحب جي ڏوهٽي ۽ نوجوان شاعر اسد بروهيءَ جو وائس ميسيج هو. نياڳا سگنل هڪ ڏکوئيندڙ خبر کڻي آيا هئا. سُڏڪندڙ آواز ۾ ٻڌايل هو، "اڄ سورهين جولاءِ اربع ڏينهن سج اڀرڻ ۾ اڃا ڪجهه گهڙيون باقي هيون جو سنڌي ۽ بروهي ٻولين جي باڪمال شاعر، اديب، استاد، مترجم ۽ ڏاهي جوهر بروهيءَ جي زندگيءَ جو ڏيئو اُجهامي ويو."

سندس آواز ۾ ڏک پريل هو ۽ سندس دل جي ٽٽڻ جي صدا منهنجي ذهن سان ٽڪرائجي هڪ گهري ڏک جي ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي. مان اُن ڏک ۾ وڃي ويس. دل ڄڻ ته ٻيهجي وئي ۽ هڪ اهڙو صدمو پهتو، جنهن جو اثر شايد وڏي وقت تائين هلندو.

ٻئي ڏينهن صبح جو اسد بروهيءَ کي "حڪمِ الله" ڪرڻ لاءِ فون ڪيم. دل اداس ۽ ڏکاري هئي. اسد چيو، "سائين! نانا بابا ته ويو، هاڻي فريد آباد سندس وجود کان خالي ٿي وئي آهي ۽ هاڻي ان فريد آباد ۾ گذارڻ ڪيڏو نه ڏکيو ٿيندو." اسد بروهيءَ جي انهن لفظن بيحد ڏکارو ڪري ڇڏيو.

اڄ جڏهن جوهر بروهي اسان ۾ ناهي رهيو ته سندس ياد ساهه کي سُڪائي ڇڏيو آهي ۽ دل ڏک جي کوهيڙي ۾ ويڙهجي وئي آهي. سندس مسڪرائيندڙ چهرو، ٻاجهاريون اکيون، پيار پريا لفظ، مخاطب ڪرڻ جو محباڻو انداز "منهنجا سائين!" ۽ معصوم لهجو، سڀ ڪجهه ياد ٿو اچي. هو جڏهن ٻه ۽ جتي ٻه مليو ته ائين لڳندو هو ڄڻ ڪو مائٽ، عزيز ۽ وڏڙو مليو هجي. سندس ذات جي چوڌاري محبت ۽ پنهنجائپ جو هڪ دائرو نڪتل هوندو هو. بيشڪ ته پاڻ محبتي ماڻهو هو. سندس شخصيت علم ۽ ڏاهپ جو هڪ اهڙو روشن مُنارو هئي، جنهن جي ڪرڻن سان سندس هر پڙهندڙ ۽ شاگرد پنهنجي ذهني وَس ۽ وتَ آهر لاڀ پرايو. سندس علميت، ادبيت، انسان دوستي، ٻاجهه ۽ شفقت ۽ دوستاڻي هلت پنهنجي اندر هڪ اهڙو موهه رکندي هئي جو ڪوبه سندس محبت جي گهيري مان ٻاهر نڪري ڪونه سگهندو هو. پاڻ مڙني لاءِ سراپا پيار ۽ خلوص ۽ علم ۽ ادب جو سرچشمو رهيو.

پاڻ 29 جنوري 1950ع تي پني عاقل پرسان ٽريچاڻي ۾ ڄائو، جتي ٻولي، لوڪ داستان ۽ محبتون_ سڀ گڏجي ساهه کڻندا هئا. سندس اصل نالو عبدالقيوم هو، پر ادبي دنيا ۾ هن جوهر بروهيءَ جي نالي سان وڏو نالو ڪديو ۽ پوءِ اهو نالو ئي سندس جوهري ڪمال جي گواهي ٻڻجي ويو. پاڻ هڪ غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيو، پر ديني، روحاني ۽ تهذيبي طور بيحد زرخيز هو. ننڍپڻ کان ئي سندس لاڙو مشاهدي، ٻُڌڻ ۽ لکڻ ڏانهن هو. هو ڳوٺ جي وڏڻ ۽ وڏڙين کان قصا ڪهاڻيون ٻڌندو ۽ انهن ۾ سمايل ڏکن ۽ خوشين کي محسوس ڪندو هو ۽ لفظن ۾ انهن جا عڪس پيو ڳوليندو هو. اها ئي شروعات هئي سندس شعري ۽ ادبي مزاج جي جڙڻ جي. اهڙيءَ طرح جوهر بروهيءَ سنڌي ۽ بروهڪي ٻولين جي شعري، ادبي ۽ تهذيبي روايتن کي پاڻ ۾ جذب ڪري قلم کنيو. هن شاعريءَ تي گهڻو ڌيان ڏنو. سندس شاعريءَ ۾ ديسي پڻو سرس نظر ايندو آهي. ان ئي ڳالهه سندس شاعريءَ کي هڪ تهذيبي سگهه ڏني. سندس شاعريءَ ۾ ديس ۽ ڌرتيءَ سان محبت جو منظرنامو تخليقي سطح تي بيحد ڪشادو، گهرو ۽ موهيندڙ نظر اچي ٿو.

جوهر بروهيءَ گهڻو ٺَهو غزل لکيو ۽ غزل ئي سندس خاص سڃاڻپ بڻيو. غزل ۾ سندس پنهنجو لهجو، پنهنجا لفظ ۽ پنهنجو مزاج آهي. سندس غزل ۾ هڪ خاص ڪيفيت ملي ٿي، جنهن کي مان "جوهري ڪيفيت" سڏيندو آهيان. هلڪي ۽ نرم لهجي ۽ سادگيءَ سان پنهنجن تجربن کي بيان ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪيس هڪ نرالو ڍنگ هو. وٽس غزل جو هڪ خاص ڪلچر آهي، جنهن ۾ هُو پنهنجن تجربن کي غزل جي مضمون وسيلي دل ۾ صفا لاهي ٿو ڇڏي. دل ۾ اوتڻ جو اهو هنر سالن جي شاعراڻي رياضت، مشاهدي ۽ سوچ ويچار ڪانپوءِ ئي ايندو آهي. پاڻ زندگي ۽ زماني جي بدلجندڙ حالتن جي ڏس ۾ زندگيءَ ۽ سماج جي مسئلن ۽ ڏکن ڏولاون تي هڪ گهري نظر رکندو هو. هن سچن ۽ نڪور خيالن، معصوم جذبن ۽ سُندر احساسن جي شدت وسيلي سنڌي ۽ بروهي غزل جي دامن کي بيحد ڪشادو ڪيو. هن روايتن جي پاسداريءَ سان گڏو گڏ غزل جي زمين ۽ رديف ۽ قافئي جي نرالي چونڊ ذريعي پنهنجي هڪ ڌار واٽ گهڙي ورتي هئي.

جوهر بروهي سنڌي ۽ بروهڪي ٻولين ۾ پنهنجي لکيل ڪتابن بابت ضرور صلاح ثواب ڪندو هيو، خاص ڪري اردوءَ ۾ لکيل پنهنجا ڪتاب مون ڏي ڏياري موڪليندو هيو ته مان انهن جي نوڪ پَلڪ ٺيڪ ڪريان. پاڻ چوندو هيو، "منهنجا سائين! اوهان جي اردو ڏاڍي پلي آهي. ڪتاب تي پَلي نظر وجهندؤ ته ٻنهي؛ ڪتاب ۽ منهنجي عاقبت سني ٿي پوندي." اها سندس وَڏ ماڻهپ ۽ مون سان محبت هئي.

سندس حڪم تي بروهڪي ٻوليءَ جي هاڪارن شاعرن تي آڌارڪ سندس ضخيم ڪتاب تي طويل مهاڳ لکيم ته ڏاڍو خوش ٿيو. مختصر خط لکيائين:

"منهنجا سائين! جيئو سدائين! توهان جو لکيل تفصيلي مهاڳ مليو. دل باغ بهار ٿي وئي. توهان منهنجي ڪتاب جي سگهه کي ٻيڻو ڪري ڇڏيو. ڏاڍي خوشي ٿي آهي، ايڏي جو مون کان ته بيماري ٻه وسري وئي آهي. دل چوي ٿي ته يا الله! هن بيماريءَ جي حالت ۾ ئي سَهي، مون کي تيسيتائين جيئرو رک، جيسيتائين غلام مصطفيٰ فريد آباد نه اچي."

سندس بروهڪي شاعرن جي غزلن تي ٻَڌل اهو ڪتاب "غزل رنگ" شايع ٿيو ته پاڻ ان جون پنج ڪاپيون قرب ڪري موڪليائين. مٿي لکيل خط مون "غزل رنگ" جي هڪ ڪاپيءَ ۾ وجهي سنڀالي رکيو آهي.

ادب ۽ شعر و شاعريءَ کان علاوه جوهر بروهيءَ جي سڃاڻپ جو هڪ مانائتو حوالو ديني علم پاڙهڻ پڻ آهي. پاڻ ديني علم کي پکيڙڻ جي ڏس ۾ جيڪو ڪم ڪيو، سو علائقي واسين کي سدائين ياد رهندو. سندس قائم ڪيل ديني مدرسي ۾ پڙهندڙن جو هڪ وڏو انگ هيو ۽ وقت سان گڏ اُن ۾ واڌارو ٿيندو رهندو هيو. هن جنهن ذميداريءَ سان پنهنجي طالبن کي پڙهايو، تنهن جو مثال ورلي ملندو. وقت جي سخت پابنديءَ سان پڙهائڻ ۾ سندس ڪو جواب ڪونه هيو. لڳ ڀڳ پنجاهه سال کن پاڻ مدرسي ۾ پڙهايائين. اُن دؤران جيڪو ٻه طالب وٽس پڙهيو، سو اتان علم وارو، ادب ۽ شاعريءَ جو ذوق رکندڙ ۽ مُراد وَند ٿي نڪتو. پاڻ قرآن پاڪ ۽ حديث شريف ته پڙهائيندو هيو، پر طالبن کي علم ۽ ادب ڏانهن پڻ لاڙيندو هيو. وٽس جيڪي پڙهيا، تن جو چوڻ آهي ته "جوهر صاحب اسان کي دين ۽ ادب جي سُتي پيئاري ۽ اسان جي ديني ۽ ادبي جذبي کي پڙڪائڻ ۾ هن مخلصاڻي ۽ ايمانداراڻي ڪوشش ڪئي."

جڏهن ڪو شاعر ۽ اديب هن دنيا مان هليو ويندو آهي ته پوءِ ائين لڳندو آهي ڄڻ تهذيب ۽ ڏاهپ جو ڪو جرڪندڙ ڏيئڙو اجهامي ويو آهي، ڄڻ قلم، ڪاغذ ۽ لفظن جي ڳوٺ ۾ اوچتو ماتار ڇانئجي وئي هجي ۽ دل ۽ دماغ ۾ اهڙو خال پيدا ٿي ويو هجي، جنهن کي پرڻ سولو ناهي هوندو. جوهر بروهي هليو ويو، ڄڻ سنڌي ۽ بروهي شعر ۽ ادب جي صديون پراڻي حويليءَ مان هڪ سِر نڪري وئي هجي. هو رڳو شاعر ۽ اديب ڪونه هيو، پر سنڌي ۽ بروهڪي ٻولين جي وچ ۾ هڪ پُل پڻ هيو. هو سنڌي ۽ بروهڪي ٻولين جي وچ ۾ محبت، فهم ۽ تخليق جو ڳانڍاپو هميشه سگهارو ڪندو رهيو. سچ ته هو انهن ٻنهي قديم ٻولين جي ادبي تاريخ جو هڪ نمائندو هيو. سندس هن دنيا مان هليو وڃڻ سنڌي شاعريءَ ۽ ادب جو نقصان ته پنهنجي جاءِ تي آهي پر بروهڪي ٻوليءَ جي هڪ سگهاري روايت جو هليو وڃڻ پڻ آهي.

جوهر بروهي هڪ نالو ئي نه، پر هڪ ادبي تحريڪ هيو. پاڻ هڪ اهڙو جاڪوڙي سرجڻهار هيو، جنهن ادب، شاعري، تحقيق، تدريس ۽ سنڌي ۽ بروهڪي ٻولين جي ڳانڍاپي جا ڏيئڙا روشن ڪيا. سندس وڃڻ ڪانپوءِ سنڌي ۽ بروهي ادب ڄڻ ته هڪ اهڙو زبردست ليکڪ، شاعر، مترجم، استاد، سنڌ سان عشق ڪندڙ ۽ هڪ صوفياڻو مزاج رکندڙ فنڪار وڃايو آهي، جنهن جو مثال هاڻي رڳو ڪتابن ۾ ئي ملي سگهندو. ■

# پابلو نرودا چليءَ جو تعارف آهي

**لاطيني آمريڪا ۾ اهم اُٿل پٿل ۽ تبديلي جي دور ۾ لکڻ دوران، نرودا جو ڪم هڪ وڏي ادبي تحريڪ جو حصو هو، جنهن کي avant_garde سڏيو ويندو آهي، جيڪو روايتي فنڪارانہ روايتن کي ٽوڙڻ ۽ اظهار جي نئين شڪلن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو هو. سندس شاعري يورپي جديديت پسندن جهڙوڪ فيڊريڪو، گارشيا، لورڪا ۽ والٽ وٽئمن کان متاثر هئي. ان سان گڏ سندس شاعري چلي جي شاهوڪار تاريخ ۽ ثقافت کان بہ متاثر هئي.**



نويد سنديلو




پابلو نرودا کي 20هين صديءَ جي لاطيني آمريڪا جي سيني کان اهم شاعرن مان هڪ سمجهيو ويندو آهي. سندس تخليقي ڪم اڄ بہ وڏي پيماني تي پڙهيو وڃي ٿو، جيڪو شاعرن ۽ پڙهندڙن جي نئين نسل کي هڪ جيترو متاثر ڪري ٿو. نرودا جي شاعري، پرجوش ۽ حساس ٻوليءَ، سياسي ۽ سماجي مسئلن سان هن جي وابستگي ۽ سندس پيار، فطرت ۽ روزمره جي زندگي جي جشن (celebration)جي خاصيت آهي. سندس نظم اڪثر ڪري تڙپ ۽ تانگھ، خواهش، نقصان ۽ تيزي سان تبديل ٿيندڙ دنيا ۾ معنيٰ ۽ سڃاڻپ جي ڳولا جي موضوعن جي تلاش ڪندا رهن ٿا.

لاطيني آمريڪا ۾ اهم اُٿل پٿل ۽ تبديلي جي دور ۾ لکڻ دوران، نرودا جو ڪم هڪ وڏي ادبي تحريڪ جو حصو هو، جنهن کي avant_garde سڏيو ويندو آهي، جيڪو روايتي فنڪارانہ روايتن کي ٽوڙڻ ۽ اظهار جي نئين شڪلن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو هو. سندس شاعري يورپي جديديت پسندن جهڙوڪ فيڊريڪو گارشيا، لورڪا ۽ والٽ وٽئمن کان متاثر هئي. ان سان گڏ سندس شاعري چلي جي شاهوڪار تاريخ ۽ ثقافت کان بہ متاثر هئي.

نرودا جو اثر ڪيترن ئي شاعرن جي لکڻين ۾ ڏسي سگهجي ٿو، خاص طور تي اهي جيڪي اسپيني ٻوليءَ ۾ لکن ٿا. سندس ورثو نہ رڳو سندس خوبصورت ۽ متاثر ڪندڙ (evocative)شاعري ۾ آهي، پر سماجي انصاف لاءِ سندس جٽادار وابستگي ۽ فن جي تبديلي واري طاقت ۽ ايمان ۾ پڻ آهي. اهڙي طرح سندس شاعري جي ڇاپ سندس ديس جي سرحدن کان ٻاهر دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙجي رهي آهي.

پابلو نرودا پاڪستان جي ٻين صوبن سان گڏ سنڌ جي شاعرن کي بہ متاثر ڪيو. انهن ۾ فيض احمد فيض ۽ شيخ اياز ان جو واضح مثال آهن. مون 17 سال اڳ ماهوار”پرک“ کي نرودا جو ”پئرس رويو“ مان طويل انٽرويو ترجمو ڪري ڏنو هو، جيڪو خوبصورت انداز سان ڇپيو ويو هو. انٽرويو ۾ هن پنهنجي سياسي زندگيءَ جي لاهن چاڙهن سان گڏ پنهنجي ادبي زندگيءَ جو نهايت شاندار ذڪر ڪيو آهي. ان انٽرويو ۾ هن انقلابي شاعرن: ماياڪوفسڪي، گارشيا، لورڪا، وڪٽر هارا ۽ ناول نگارن نارمن ميلر (ناول Naked and Deadجو ليکڪ )، هيدلي چيز وغيره جو ذڪر ڪيو آهي. ڪجھ سال اڳ لاهور ۾ پڙهڻ دوران مون پراڻي انارڪلي جي ڀرسان مال روڊ تان هر آچر تي لڳندڙ ڪتابي بازار مان نرودا جي خوبصورت آتم ڪهاڻي ”Memoirs“(يادگيريون) خريد ڪري پڙهيو هو. هتي پڙهندڙن لاءِ پابلو نرودا جو ترجمو ڪيل هڪ نظم پيش ڪجي ٿو.



**نظم**

اڄ رات مان سڀ کان اداس نظم لکي سگهان ٿو.
هن مون سان پيار ڪيو، ڪڏهن ڪڏهن مون هن سان پيار ڪيو.
مان هن جي وڏين، خاموش اکين کي ڪيئن نہ پيار ڪري سگهان ها؟
مان اڄ رات جو سڀ کان اداس نظم لکي سگهان ٿو
اهو سوچيندي تہ
هوءَ مون وٽ ناهي. اهو محسوس ڪندي تہ مون هن کي وڃائي ڇڏيو آهي.
اونهي رات کي ٻڌڻ لاءِ، هن کان سواءِ وڌيڪ اونهي

مثال طور لکو: ”رات تارن ڀري آهي،
تارا، نيرا ڏورانهين تي ٽڙڪن ٿا.“
رات جو هوا آسمان ۾ گهمي ٿي ۽ ڳائي ٿي.
مان اڄ رات جو سڀ کان اداس نظم لکي سگهان ٿو.
مون هن سان پيار ڪيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هن مون سان پڻ پيار ڪيو.
اهڙين راتين تي، مون هن کي پنهنجي ٻانهن ۾ جهليو.
مون هن کي اپار آڪاس هيٺ ڪيئي ڀيرا مٺيون ڏنيون.

گاھ تي ماڪ پوي جيئن نظم روح تي ڪري ٿو.

ڪهڙو فرق پوي ٿو تہ منهنجو پيار ڪيس نہ روڪي سگهيو.
رات تارن ڀري آهي ۽ هوءَ مون سان گڏ ناهي.
بس. ڏور ڪوئي ڳائي ٿو. ڏور
منهنجو روح مطمئن ناهي تہ ان ڪيس وڃايو آهي.

منهنجون اکيون تلاشن ٿيون
ڄڻ ڪيس قريب آڻڻ لئہ
منهنجي دل ڪيس ڳولي ٿي
۽ هوءَ مونساڻ گڏ ناهي.

ساڳئي رات جيڪا ساڳين وڻن کي اجرو بڻائي ٿي
اسين،جيڪي ان دور ۾ هئاسين، هاڻي ساڳيا رهيا ئي ناهيون!


مان هاڻي هن سان پيار نٿو ڪريان، پڪ سان،
پر مون ساڻس ڪيترو نہ پيار ڪيو هو
منهنجي آواز هن جي ڪنن کي
ڇهڻ لاءِ هوا کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.
ڪنهن ٻئي جي هوءَ ڪنهن ٻئي جي هوندي
جيئن هوءَ ڪڏهن منهنجي مٺين ۾ هوندي هئي.
سندس آواز، هن جو هلڪو بدن هن جون وشال اکيون.
مان هاڻي هن سان پيار نٿو ڪيان،
پڪ سان، پر شايد مان هن سان پيار ڪريان ٿو.
پيار نهايت ننڍو ۽ وسارڻ تمام طويل آهي.
ڇاڪاڻ تہ اهڙين راتين ۾
مون هن کي پنهنجي ٻانهن ۾ جهليو هو،
دل مڃي ئي نٿي تہ مون هنکي وڃايو آهي.

شايد هيءُ آخري درد هجي جيڪو هوءَ مونکي ڏئي ٿي،
۽ شايد اهي آخري شعر هجن جيڪي
هن جي لاءِ لکان ٿو. ■

ناماري ليکڪ، ڪهاڻيڪار، سينئر صحافي ۽ اڳوڻي وفاقي وزير محترم مدد علي سنڌيءَ جو انٽرويو: قسط _ 5 ۽ آخري

# ”شيخ اياز جي سنڌي ۽ اردو شاعري منهنجي ڪمزوري رهي آهي“ - مدد علي سنڌي

شيخ اياز مونکي پنهنجي ويجهو رکندو هو. شيخ اياز جي سنڌي ۽ اردو شاعري منهنجي ڪمزوري رهي آهي. منهنجي ۽ شيخ اياز جي عمر ۾ وڏو تفاوت هيو. هڪ ڀيري شيخ اياز چيو، ”يار تون ته اجا ٻار آهين.“ تنهن تي مون جواب ڏنو، ”سائين آئون اوهان کي پڙهندو آهيان.“ اياز جون ڳالهيون علم سان ٽمٽار هونديون هيون. مان اڪثر چوندو آهيان، ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڏهه سال لائبريري ۾ ويهي مطالعو ڪندو رهي ۽ هوڏانهن شيخ اياز سان فقط هڪ ملاقات ڪري اچي ها ته سمجهو ته ٻئي هڪ ٻئي جي برابر ٿي وڃن ها.“



انٽرويو وٺندڙ:
**عرفان علي انصاري**



مدد علي سنڌي پنهنجي وزارت دوران به اهم تقريبات منعقد ڪرايون. هڪ نيشنل بُڪ فائونڊيشن پاران ڪتابي ميلو ڪرايائين ۽ ٻيو شيخ اياز جو ڏهاڙو به پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس ۾ ڪرايائين. شيخ اياز جي ڏهاڙي ملهائڻ واري تقريب ۾ سنڌ مان اديبن کي دعوت ڏئي گهرايائين. مدد علي سنڌيءَ ٻڌايو ته جمال شاهه، جيڪو ان وقت ثقافت جو وفاقي وزير هو، تنهن کي شيخ ايا زجي ذات ۽ ان جي ادبي قدڪات بابت ٻڌايم ته، هن هڪدم هائوڪار ڪئي. اهڙي طرح شيخ اياز جو ڏهاڙو ملهايو ويو. ڪتابن جي ميلي ۾ به سنڌ مان ڪيترن ئي اديبن شرڪت ڪئي هئي. ڪتاب، لائبريريز ۽ تاريخي ورثو، مدد علي جي چاهه جا وڏا سبب آهن. هو حيدرآباد سان رومانس ڪن ٿا، ۽ ان جي باري ۾ ڪين اڻ مئي ڄاڻ آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ ٻڌايائين ته:

**مدد علي سنڌي:** بدقسمتي سان هاڻي حيدرآباد جي قلعي جون فصيلون ڀُري ڪري رهيون آهن. دلي دروازو ڪري پيو آهي ۽ هزارين ماڻهو قلعي اندر قابض ٿي ويا آهن. جيڪڏهن اسان وٽ تصويرون محفوظ نه هجن ها ته تاريخ ته مٽجي چُڪي هئي. بابا ٻڌائيندو هو ته، سنڌ ۾ هڪڙو فوٽوگرافر موجود هوندو هو، جنهن وٽ ناياب تصويرون موجود هونديون هيون. وٽانئس ڪيترين ئي تصويرون حاصل ڪيونسين، تنهن بعد مون اُهي سائين سردار شاهه صاحب کي ڏيکاريون، جنهن انهن کي شايع ڪرڻ لاءِ منظوري ڏني.

مون اُن تي ڪنهن به قسم جي مالڪاڻي حقن جو عيوضو نه ورتو. بس هڪڙو مشن هو ته سنڌ جي تاريخ محفوظ ٿي وڃي. مون وٽ هڪ تصوير آهي جيڪا 1913 ۾ آل انڊيا ڪانگريس جي اجلاس جي آهي. جنهن ۾ نوجوان قائداعظم موجود آهي. بنا نالي جي شايد ئي ڪيس ڪير سڃاڻي سگهي. اهڙي طرح علامه اقبال جي به هڪ تصوير آهي، جنهن ۾ پاڻ 1939 ۾ الهه آباد ويو هو، ۽ جنهن ڪار ۾ پاڻ ويٺو هو، اُها ڪار عبدالله هارون جي هئي. جيڪو ان زماني ۾ صفِ اول جو مسلم ليگي اڳواڻ هو. سندس پٽ يوسف هارون، جيڪو 90 سالن جي ڄمار ۾ فوت ٿيو، تنهن جي تصوير به مون وٽ آهي. اهي تصويرون فقط سنڌ جي ماڻهن لاءِ ئي ناهن پر اُنهن ماڻهن لاءِ به قيمتي آهن، جيڪي سنڌ کان ٻاهر رهن ٿا، پر سنڌ ۽ سنڌ جي تاريخ سان محبت ڪن ٿا.

**سوال: مدد صاحب! اوهان جي ادبي زندگي ڪهڙي عمر کان شروع ٿي ۽ ڪنهن جي اثر هيٺ رهي؟**

جواب: منهنجي ادبي زندگي منهنجي والد جي زيرِ اثر رهي. ننڍپڻ ۾ هنن مونکي مرزا قليچ بيگ جو ناول ”گلن واري ڇوڪري“ ڏنو. تنهن کان سواءِ منهنجي مامي وٽ رسالا ايندا هئا ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ وٽ اردو ادب جا ڪتاب موجود هوندا هئا. هُو اردو ادب پڙهندو هو. مون سڀ کان پهرين ”ڪرتار نگري،“ ”شيشي ڪا گهر“ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٻارهن سالن جي عمر ۾ ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو. پوءِ قرةالعين جو ”آگ ڪا دريا“ پڙهيو ته اندازو ٿيو ته ڪا لکٽي عظيم لکٽي به ٿي سگهي ٿي. آئون قرةالعين کي برصغير جي مهان فڪشن نگار سمجهان ٿو. سندس ڪتاب ”گردش رنگ چمن“ هڪ شاهڪار آهي. اهڙي طرح عبدالله حسين جي ”اُداس نسلين“ ۽ شمس الرحمان فاروقيءَ جي ”ڪئي چاند ٿي سرِ آسمان پہ“ منهنجي مطالعي هيٺ آيا.

**سوال: مدد صاحب، اوهان جو پهريون ڪتاب ڪهڙو شايع ٿيو؟**

**جواب:** منهنجو پهريون ڪتاب ”دل اندر درياءُ“ شايع ٿيو. پوءِ ”پُنر ملن“ لکيم. اهو ڪتاب سنڌيءَ ۾ نثري نظم جو پهريون ڪتاب هو، جڏهن ته ارشد شميم جا ڪجهه نثري نظم ڇپيا هئا، پر ”پُنر ملن“ نثري نظم جو پهريون ڪتاب هو. اها سڄي شاعري عشق تي مبني هئي. ڪنهن کان متاثر ٿي ڪري لکي هئم. تنهن کانپوءِ سنڌ ۾ آزاد نظم ۽ نثري نظم عام ٿيڻ لڳا.

**سوال: ڇا اوهان ڪڏهن ترجما ڪيا؟**

**جواب:** جي ها. مون قرةالعين حيدر جي افسانن جو ترجمو ڪيو هو. ان زماني ۾ اسان جي گهر ”نقوش ۽ سويرا“ رسالا ايندا هئا، جن منهنجي ادبي شوق کي وڌايو. بعد ۾ سياست ۾ هليو ويس، پر منهنجي اصل سڃاڻپ هڪ اديب ۽ ليکڪ طور رهي آهي. شاعري به ڪئي، نثر به لکيم ۽ افسانا به تحرير ڪيا.

**سوال: ڇا اوهان جي زندگيءَ جو اهڙو ڪو تجربو يا واقعو، جنهن اوهان جي ذهن تي اڻ مٽ نشان ڇڏيا هجن، مهرباني ڪري اهو اسان کي ٻڌائيندا؟**

**جواب:** ها بلڪل، اهڙو واقعو جيڪو اڄ به سمجهه کان ٻاهر آهي. آئون هميشه پنهنجي ماءُ جي اردگرد رهندو هئس. هڪ ڏينهن امان جي ساهيڙي، جيڪا ان وقت آمريڪا مان آئي هئي، انتهائي خوبصورت، تعليم يافته ۽ سنڌيءَ ۾ ايم _ اي ٿيل هئس. پاڻ سِتار به وڄائيندي هئي. مون اُن عمر تائين ايڏي حَسين عورت نه ڏٺي هئي. آئون اڃان ننڍو ئي هئس. اوهان اعتبار نه ڪندئو ته مون کي ان عورت سان عشق ٿي ويو. مون ڏنو ته هُن کي سندس گهر وارو تنگ ڪندو هو ۽ سندن پاڻ ۾ اڻبڻت هئي. سندن جهيڙا به مون ڏٺا. آئون اڪثر سوچيندو هئس ته وڏو ٿي ڪري آئون هن عورت سان شادي ڪري ڪيس آزاد ڪرائيندس. منهنجي ماءُ مون کي هڪ ڪهاڻي ٻڌائيندي هئي ته، هڪ شهزادي هوندي هئي، جيڪا هڪڙي جن وٽ قيد هوندي هئي ۽ هوءَ ڪوشش ڪندي هئي ته ڪيس آزادي ملي. آئون ان عورت کي اها ئي شهزادي سمجهندو هئس.

اعتبار ڪندؤ ته مون ان عورت کي اها ڳالهه اظهار ڪندي چئي ته آئون وڏو ٿي سائڻس شادي ڪندس ۽ ڪيس آزاد ڪرائيندس. پاڻ شاهه لطيف کي ڳائيندي هئي. سندس سنگِ مرمر جو محل اڄ به حيدرآباد ۾ موجود آهي. آئون سندس نالو نه ڪٽندس، ڇو ته سندس پُٽ مَتان ناراض نه ٿي پون. الميو اهو ٿيو جو هوءَ 33 سالن جي عمر ۾ ڪينسر جي بيماريءَ سبب لاڏاڻو ڪري وئي. مرڻ وقت مون کي چيائين ته، تو مون کي چيو ته، آئون توکي آزاد ڪرائيندس، سو اڄ آئون آزاد ٿي ويندس. مون ان تي به هڪ ڪهاڻي لکي هئي. سنڌي زبان جي اها شاهڪار ڪهاڻي آهي. تنهن کان سواءِ مٿس مون هڪ نظم به لکيو، جيڪو منهنجي شاعري جي ڪتاب ۾ شامل آهي. هوءَ مون لاءِ انسپريشن آهي، جيڪا منهنجي زندگي مان ڪڏهن به ختم نٿي ٿي سگهي. اهي زندگيءَ جا منفرد ۽ لطيف رُخ آهن. مون کي ڪنهن چيو ته، جيڪڏهن ستيه جين راءِ ڪڏهن فلم ان ڪهاڻي تي ٺاهي ته ڪيس اسڪرپٽ لکرائڻ جي ضرورت پيش نه ايندي.



هيءَ هڪ فلمي ڪهاڻي آهي. هڪ ٻار... هڪ عورت... هڪ خواب.... سپئي هڪ ئي تصوير ۾ ذهن ۾ اڀريو وڃن.

سوال : **اوهان ڪٿي ذڪر ڪيو آهي ته سنڌ مان موئن جو دڙو ۽ شاهه لطيف ڪڍي ڇڏيو ته پويان ڪجهه به نه بچندو، ڇا اوهان ان بيان کي واضح ڪري ٻڌائيندا؟**

**جواب:** شاهه لطيف ته اڍائي سئو سال جي ڪهاڻي آهي، هوڏانهن موئن جو دڙو ته ساڍا پنج هزار سال پراڻو آهي. سنڌ اهڙي ڌرتي آهي، جنهن تي هميشه حملہ آورن حملا ڪيا آهن.

**سوال: شيخ اياز جي شخصيت، سندس ذات ۽ علم جي حوالي سان اسان کي ٻڌايو، ڇو ته اوهان شيخ اياز جي ويجهو رهيا آهيو؟**

**جواب:** جي، شيخ اياز بلڪل مونکي پنهنجي ويجهو رکندو هو. شيخ اياز جي سنڌي ۽ اردو شاعري منهنجي ڪمزوري رهيا آهن. منهنجي ۽ شيخ اياز جي عمر ۾ وڏو تفاوت هيو. هڪ ڀيري شيخ اياز چيو، ”يار تون ته اڃا ٻار آهين.“ تنهن تي مون جواب ڏنو، ”سائين آئون اوهان کي پڙهندو آهيان.“ هڪ دفعي پاڻ پي رهيو هو ۽ مون کي چيائين، ”پيگ ٺاهي ڏئي.“ تنهن تي ڪنهن وراڻيو، ”اڙي سائين هي ته ٻار آهي،“ تنهن تي اياز چيو، ”ساقي هميشه ننڍي عمر جو ئي



هوندو آهي. ” اياز جون ڳالهيون علم سان ٽمٽار هونديون هيون. مان اڪثر چوندو آهيان، ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڏهه سال لائبريري ۾ ويهي مطالعو ڪندو رهي ۽ هوڏانهن شيخ اياز سان فقط هڪ ملاقات ڪري اچي ها ته سمجهو ته ٻئي هڪ ٻئي جي برابر ٿي وڃن ها. ”

**سوال: مدد صاحب، اوهان جي زندگيءَ ۾ لاها چاڙها تيزيءَ سان ايندا رهيا آهن، ڇا اوهان انهن کي ڪٿي قلمبند ڪيو آهي؟**

**جواب:** مون پنهنجي زندگي جا سمورا تجربا لکي ڇڏيا آهن. ايتري قدر جو پنهنجا عشقيا داستان به رقم ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن آئون ارباب رحيم جو پريس سيڪريٽري هئس، ان وقت مون کي سندس طبيعت جي خبر پئجي وئي هئي ته، جيڪڏهن ڪيس ڪنٽرول نه ڪبو ته، جيڪو سندس وات ۾ ايندو، ڳالهائي ڇڏيندو. ان لاءِ جڏهن آئون ڪيس تقريرون لکي ڏيندو هئس ته پوءِ هو ٺيڪ گفتگو ڪندو هو. اڻ لکيل تقرير ۾ سندس زبان تيز هوندي هئي ۽ جڏهن ڳالهائيندو هو ته پوءِ خدا جي پناهه. جڏهن سندس دور ختم ٿيو ۽ نگران حڪومت آئي ته پوءِ مون محسوس ڪيو ته هيءَ جاءِ مون لاءِ ناموزون آهي. ان وقت محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت ٿي چُڪي هئي ۽ سياسي ماحول بنهه خطرناڪ هو. ان وقت آئون تنقيد جو نشانو بڻايو پئي ويس. نتيجي ۾ آئون نوڪري کان فارغ. پوءِ ست سال گهر ۾ ويٺو رهيس. نه ڪنهن اخبار لکڻ ڏنو ۽ نه ڪٿي وري نوڪري ملي. ستن سالن کان پوءِ ڊڪشنري بورڊ ۾ هڪ ڪانٽريڪٽ مليو. هڪ ڏينهن وزير بدليو. نئون وزير آيو ۽ مون کي چيائين، ”مدد علي، اوهان هتي آهيو!؟ مون سمجهيو ته اوهان ڪي ڪروڙين روپيا ڪمايا هوندا. ” تنهن تي مون چيس ته، ”بس يار ڪوڙ کي پير نه هوندا آهن. ڪروڙين ڪمائڻ وارو ڪانٽريڪٽ جي نوڪري ڪند؟ “

**سوال: مدد صاحب، اوهان تي ڪجهه نوڪرين ڪرڻ جي ڪري سخت تنقيد ٿيندي آهي، ان تنقيد جو ڪارڻ ڇا هو ۽ ڇو ٿيندي هئي؟**

**جواب:** ادا آئون ست سال بيروزگار رهيس ۽ ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ رهائش پذير هئس، جتي گذران ڪرڻ ڏکيو هو. مون کي ارباب رحيم جي دؤر ۾ سي ايم هائوس ۾ بحيثيت ڪنسلٽنٽ جي نوڪري جي آڇ ٿي. اڪثر مون تي ارباب رحيم صاحب جي نوڪري واري دؤر تي تنقيد ڪئي ويندي آهي. مون اها ڪنسلٽنٽ جي نوڪري ٺُڪرائي ۽ ڪيتروئي وقت بيروزگاريءَ ۾ ڪاٽيندو رهيس. هڪ ڏينهن منهنجي ننڍڙي ڌيءَ گٽر ۾ ڪِري پئي، جنهن کي ڪيترائي گهرا زخم رسيا. آئون ڪنهن ڪم سان گهر کان ٻاهر هيس. منهنجي گهرواريءَ وٽ ايترا پئسا نه هئا جو هوءَ منهنجي ڌيءَ کي ڪنهن چڱي اسپتال وٺي وڃي. مجبوراً ڪيس خيراتي اسپتال ۾ وٺي وئي، جتي ڪيس ٽاڪا لڳا. اهي ٽاڪا ۽ علاج بهتر نه هجڻ ڪري ٽاڪا خراب ٿيا ۽ زخم ڇُٽڻ بجاءِ خراب ٿي ويا، جنهن جي ڪري منهنجي نياڻي ڇهن مهينن تائين اسپتال پيڙي رهي ۽ آپريشن مٿان آپريشن ٿيندا رهيا. اهڙي ڪسمپرسيءَ واري حالت ڏسندي مون فيصلو ڪيو ته، سي ايم هائوس واري جاب واري آفر قبول ڪريان. اهو هو پسمنظر منهنجي نوڪري ڪرڻ جو، جنهن تي ماڻهو تنقيد ڪندا آهن.

**سوال: مدد صاحب، اوهان موجوده سنڌي معاشري کي ڪٿي بيٺل ٿا ڏسو؟**

**جواب:** ادا هڪ چوڻي آهي ته، ”بکئي کي ڏئي ڪونه، سکئي کي سهي ڪونه. “ سو ان مثال جي تناظر ۾ اوهان کي ٻڌايان ته وزارت ملي ته دوست به دشمن ٿي ويا. ڇو ته ڪن جا ڪم ٿيا، ته ڪن جا ضابطن جي هيٺ نه ٿيا. وري وزارت وئي ته اردگرد گهمندڙ دوست به گم ٿي ويا ۽ سڃاڻپائي جون دعوائون ڪندڙ به اجنبي ٿي بيهي رهيا آهن. معاشري ۾ عدم برداشت وڌندي ٿي وڃي. آئون هميشه چوندو آهيان ته ڪنهن جي به روزگار سان هٿ چراند نه ڪجي. پنهنجي دشمني کي ڪنهن جي روزگار وڃائڻ يا ان جي تنگدستي لاءِ استعمال نه ڪجي، ڇو ته ڪنهن جا ٻچا ان روزي روٽي تي پاڙيندا آهن. هي فقط سنڌي معاشري جو الميو ڪونهي، هتي اسان جي قومي سطح تي حال ساڳيو آهي. تعليم جي شعبي سان تعلق رکندڙ استادن جي حالت به بنهه ابتر آهي.

وزارت جي دوران پي ايڇ ڊي استادن جي انتظامي پوسٽن لاءِ ڀڄ ڀڄان، سفارشون ۽ ڏوڪڙن جي ريل پيل، انتهائي ڏکائيندڙ هئي. استاد پي ايڇ ڊي ڪري پڙهائڻ بجاءِ وائس چانسلر ٿيڻ، رجسٽرار ٿيڻ، چيئرمين ٿيڻ، ويندي جو ٽرانسپورٽ انچارج ٿيڻ به پسند ڪن ٿا، پر شاگردن کي پڙهائڻ سندن ترجيح ناهي. اهوئي عمل معاشري جي ڀيج ڊاهه جو سبب بڻبو. جڏهن شخصيت ساز استاد ٺٽ ٺانگر ڏانهن اتساهيل هجي، ان معاشري کي پوءِ ڪير سڌاريندو. وفاقي وزارت تعليم ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي هلندڙ منصوبا فقط وقت ۽ پئسي جو ضياءُ مطلب ته مومل جو ٽڪساٽ آهي، جيڪو ڪنهن به وقت پڄي پورا پورا ٿي ويندو.

**مدد صاحب! اوهان جي مهرباني جو اوهان وقت ڏنو.**

**مدد علي سنڌي:** ادا اوهان جي به مهرباني. ■


*(سال 2023 ع ۾ اسلام آباد ۾ ورتل هن انٽرويوءَ دوران مون سان گڏ ڊاڪٽر سعديه پاشا ۽ ڊاڪٽر سعديه خان به شاملِ گفتگو رهيون.)*

## مصنوعي ذهانت جي مدد سان تيار ڪيل مڪالمو

# تنوير عباسي، جامي چانڊيو ۽ مرتضيٰ سيال جي گفتگو



تنوير عباسي



جامي چانڊيو



مرتضيٰ سيال

ترتيب ۽ ايڊيٽنگ: مرتضيٰ سيال

هي فڪري مڪالمو مصنوعي ذهانت جي مدد سان تيار ڪيو ويو آهي. چيٽ جي پي ٽي کي موضوع متعلق نقطن سان گڏ مڪالمي ۾ شرڪت ڪندڙن جا نالا ڏنا ويا، جنهن ڪانپوءِ ان هي مڪالمو تيار ڪري ڏنو، جيڪو ضروري ايڊيٽنگ کان پوءِ پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ پيش ڪجي ٿو. (مرتضيٰ سيال)

سنڌ جون ٽي شخصيتون: جامي چانڊيو، تنوير عباسي ۽ مرتضيٰ سيال ”سنڌ ۾ ادارن جي صورتحال ۽ موجوده دور جون گهرجون“ تي ڳالهيون ڪن ٿا:

**موضوع:** سنڌ ۾ ادارن جي صورتحال ۽ موجوده دور جون گهرجون

**جامي چانڊيو:**
سنڌ جا ادارا چاهي تعليمي هجن، حڪومتي هجن يا تحقيقي، هينئر بحران جي ور چڙهيل آهن. اسان وٽ ادارا فردن جي تابع ٿي ويا آهن، اصول، شفافيت، ۽ ميرٽ کي پٺتي ڇڏي ڏنو ويو آهي. موجوده دور جي گهرجن مطابق ادارا خودمختيار، غيرجانبدار، ۽ جديد فڪر سان سلهاڙيل هجڻ گهرجن.

**تنوير عباسي:**
جامي، مان اوهان جي ڳالهه سان سهمت آهيان. مان شاعريءَ جي پس منظر مان ڳالهائيندس- ادبي ادارا جيڪي تخليق، فڪر، ۽ تنقيد جا مرڪز هئا، اڄ اهي بي معنيٰ رسمن تائين محدود ٿي ويا آهن. ادارن جو روح وڃائجي چڪو آهي. موجوده دور ۾ ضرورت آهي ته انهن ادارن ۾ فڪري آزادي، تخليقيت ۽ نئين نسل لاءِ موقعا پيدا ڪيا وڃن.

**مرتضيٰ سيال:**
ٻنهي سڄڻن جون ڳالهيون بجا آهن. مان تحقيق ۽ تعليمي نظام مان ڳالهائيندس- اسان جا تعليمي ادارا انتظامي مداخلتن، غيرفعال قيادت، ۽ فنڊز جي کوٽ سبب پنهنجي بنيادي ڪم کان پري ٿي ويا آهن. عالمي سطح تي مقابلو ڪرڻ لاءِ اسان کي تحقيق، ٽيڪنالاجي، گورننس، ۽ شفافيت کي ترجيح ڏيڻي پوندي.

**جامي چانڊيو:**
سيئي ادارا خاص ڪري تعليمي ادارا ته معاشري جي ڪرنگهي واري هَڏي جيان آهن. انهن جي ڪمزور ٿيڻ سان سماج ۾ بيچيني، نااميدي ۽ بدعنواني وڌي وڃي ٿي. اسان کي پبلڪ پاليسين ۾ ادارن جي آزادي، احتساب ۽ اصلاحاتي ايجنڊا شامل ڪرڻي پوندي.

**تنوير عباسي:**
ادبي ادارا ته قوم جو روح آهن. جيڪڏهن اهي زنده ۽ متحرڪ نه رهيا ته قوم جي فڪري سڃاڻپ به ختم ٿي سگهي ٿي. منهنجي نظر ۾ نئون فڪر، نئين ٽيڪنيڪ ۽ نوجوانن لاءِ بااعتماد ماحول، اُهي موجوده دور جون اهم گهرجون آهن.

**مرتضيٰ سيال:**
۽ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته ادارا ”شخصيتن جو مرڪز“ نه پر ”اصولن جي نظام“ تحت هجن. هڪ دفعو اصولن جي بالادستي قائم ٿي وئي ته پوءِ ترقيءَ جي راهه خود بخود هموار ٿيندي ■.

# جسماني تڪليفن ۾ انساني جذبن کي زبان ڏيڻ وارو حساس انسان ڊاڪٽر مرليڌر

ڊاڪٽر مرليڌر، توهان کي انساني جذبن جو سفير به نظر ايندو ته، پنهنجي آس پاس ماڻهن جي پيڙا کي ڏسي، شاعريءَ وسيلي پنهنجي سوچ به توهان تائين پهچائي ٿو. هو پنهنجي ٻنهي حيثيتن ۾ اسان لاءِ قابل فخر آهي. هڪ ڪامياب، ذميوار ۽ حساس مسيحا ۽ ٻي طرف هڪ قلم ڌڻي، پنهنجي پيشي سان سچو ڊاڪٽر ۽ انساني جذبن جو ترجمان.



مهتاب اڪبر راشدي

ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان ته، اسان پنهنجي مرضيءَ سان نه پيدا ٿا ٿيون ۽ نه ئي وري زندگيءَ جي گهڻن سالن تائين اسان پنهنجي لاءِ ڪنهن به قسم جي فيصلي ڪرڻ جي قابل هوندا آهيون. اسان جا ماءُ پيءُ، انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ هوندا آهن ته، هو ڪنهن نه ڪنهن نموني اسان کي اُها واٽ ڏيکارين، جيڪا اڳتي هلي اسان کي زندگيءَ جي لاهن ۽ چاڙهن سان منهن ڏيڻ جي قابل بنائي. انهن جون ڪجهه اُميدون پنهنجي اولاد ۾، پنهنجي لاءِ به هونديون آهن ته، اُهي ايترا صالح ۽ نيڪ ٿين جو پنهنجي امڙ ۽ اَبي کي به سنڀالي سگهن.

تعليم يافته والدين پنهنجي ٻارن کي ڪڏهن به اڻ پڙهيل نه رهڻ ڏيندا آهن. هو ماحول مطابق، پيشي جي لحاظ کان ۽ وقت جي ضرورتن آهر پنهنجن ٻچن کي تعليم ۽ هنر سيکارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اسان وارو نسل جڏهن وڏو پئي ٿيو ته ٽي پيشا عروج تي پهتل هئا: هڪ استاد يعني پڙهائي وارو پيشو، ٻيو ڊاڪٽري ۽ ٽيون انجنيئرنگ. اُن مهل گهڻو ڪري مائٽ ٻارن جي رجحان کان ناواقف به هوندا هئا ۽ اهو پڇڻ جي ضرورت نه سمجهندا هئا ته، ٻار جو شوق ۽ سندس صلاحيتون ڪهڙي طرف وڌيڪ ڪارگر ٿي سگهن ٿيون.

مان اِهو نه ٿي چئي سگهان ته، ڊاڪٽر مرليڌر پنهنجي شوق سان مسيحائيءَ جي هن پيشي طرف آيو يا ماءُ پيءُ ننڍپڻ ۾ ئي هن جي دماغ ۾ وجهي ڇڏيو هو ته، ڪيس ڊاڪٽر ٿيڻو آهي. بهرحال اڄ ڊاڪٽر مرليڌر نه صرف هڪ ڪامياب ڊاڪٽر ٿي اسان جي سامهون آيو آهي، پر ان پيشي ۾ هن جي پنهنجي نهايت مثبت سڃاڻپ به آهي. ويتر جو ڪيس ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي جهڙي انسان نما فرشتي جي رهبري ۽ رهنمائي نصيب ٿي ته هي اسان جي سامهون هڪ انسان دوست ۽ حساس ڊاڪٽر جي طور به موجود آهي.

پر ٻي خوبي جيڪا ڊاڪٽر مرليڌر جي اسان جي سامهون آئي آهي، سا پنهنجي پيشي سان تعلق رکندڙ آهي. پنهنجي لکڻ ۽ تحرير جي هنر کي استعمال ڪندي هن عام ماڻهن لاءِ سولي ٻوليءَ ۾ مختلف بيمارين ۽ انهن جون علامتون ۽ ممڪنه علاج تي ڪتاب لکيا آهن. اُن ۾ سنڌي ۾ ”صحت سيني لاءِ“ به شامل آهي، جنهن جو ترجمو اردو ”صحت سب ڪي ليئي“ جي عنوان آهي. اِهي ڪتاب ٻن ٽن ڀاڱن ۾ اسان جي سامهون اچي چُڪا آهن. ٻارن جي بيمارين کان وٺي عورتن جا مسئلا، دل جون بيماريون، ٻُڪين جون بيماريون، بخار، ايڊز، نفسياتي بيماريون،




وچڙندڙ مرض ۽ اکين جي تڪليف متعلق مختلف سندس لکيل مضمون توهان کي انهن ڪتابن ۾ ملندا. سندس انهن ليکن جو بنيادي تَتُ اهو ئي نڪري ته احتياط، علاج کان بهتر آهي.

مان شاباش ڊاڪٽر مرليڌر کي اِها ڏيڻ ٿي چاهيان ته، هو پنهنجي زندگيءَ جي مصروف ترين لمحن مان ڪيئن اِهو وقت ڪڍي اهي سڀ لکتون سهيڙي ڪتابي شڪل ۾ آڻي، عام ماڻهن لاءِ هڪ Guide Book طور پيش ڪري ٿو. هاڻي ڪانئس اِهو به پڇڻو پوندو ته هو ڏينهن رات جي 24 ڪلاڪن لاءِ پنهنجي ۽ پنهنجي گهر وارن لاءِ ڪيترو وقت ۽ ڪڏهن ۽ ڪهڙي نموني ڪڍي سگهندو آهي؟

باقي سندس ادبي ۽ شاعراڻي حِس ته سندس سنڌي شاعريءَ جي انگريزي ترجمي مان ئي نظر اچي ٿي. Broken Emotion توهان کي گهڻو ئي ڪجهه ٻُڌائيندا. ڊاڪٽر مرليڌر اسان کي اِهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته، ڊاڪٽر به هڪ انسان ٿئي ٿو، جنهن ۾ سڀ انساني جذبات موجود آهن. پر ڪو ورلي اسان کي اهڙو ڊاڪٽر ملندو، جيڪو پنهنجي جذبن جو اظهار شاعريءَ وسيلي ڪندو هوندو.

هتي ڊاڪٽر مرليڌر، توهان کي انساني جذبن جو سفير به نظر ايندو ته، پنهنجي آس پاس ماڻهن جي پيڙا کي ڏسي، شاعريءَ وسيلي پنهنجي سوچ به توهان تائين پهچائي ٿو. هو پنهنجي




ٻنهي حيثيتن ۾ اسان لاءِ قابل فخر آهي. هڪ ڪامياب، ذميوار ۽ حساس مسيحا ۽ ٻي طرف هڪ قلم ڌڻي، پنهنجي پيشي سان سچو ڊاڪٽر ۽ انساني جذبن جو ترجمان. مان سندس ئي هڪ نظم سان پنهنجي تاثر جو اختتام ڪنديس:

On the broken day of Eid see
Round you necessarily
A child without a toy
A girl without a banglen Slipper
A mother in un cleaned cloth
A father with wet eyes
Some have over no ceiling
On the footpath they are lying
Some have no water in cottage
Calling, carrying mourning
On the day of Eid
Some eyes wet
Some hearts hurt
Some dreams un realized
Sobs…..shocks■


علامتي تصوير نيويارڪ ٽائمز تان ورتل

# انامیڪا ايڪسپريس جو اوسيئڙو

جيئن ڪي ڪي مسافر پنهنجو سامان، پيٽيون يا ڪوڪا پري ڪٽي اچڻ بجاءِ رڳو بريف ڪيس ڪٽي ايندا آهن، تيئن سنڌ جي ڪيترن ليکڪن جا ڪتاب ٽپال رستي اچي پهچندا آهن، پر جهڙيءَ ريت ريلوي جي مال گودام ۾ مسافرن جو سامان جمع ٿيل هوندو آهي، تيئن ڪيترا ڪتاب لئبرريءَ بجاءِ گهر جي پويان ٺهيل ”مسرور جي منَهن“ ۾ رکيا آهن، جن کي مينهن کان بچائڻ لاءِ مال گودام وانگر مٿان ترپال وجهي ڇڏي اٿم.



بيدل مسرور بدوي

منهنجي گهر جي لئبرري ڪنهن ريلوي اسٽيشن جي پليٽفارم جيان آهي، جتي ڪيترائي ڪتاب مختلف شهرن کان آيل مسافرن جيان، اُن ريل جي اوسيئڙي ۾، بينچن تي سُتا پيا آهن، جيڪا اچڻي به آهي الائي نه!

پليٽفارم جي هڪ ڪُنڊ ۾ ڪيترا ڪتاب ٿرڊ ڪلاس جي مسافرن جيان پڳل پراڻيون بينچون سيڙائي ويٺا آهن، انهن ڪنهن کان ٻڌو آهي ته ڪا انامیڪا ٽرين اچڻي آهي، جنهن ۾ هو بنا ٽڪيٽ پنهنجي پنهنجي شهر هليا ويندا.

ٻيا به ڪيترا ئي ڪتاب سيڪنڊ ڪلاس ۾ سفر ڪندڙ مسافرن جيان پليٽفارم تي رکيل بينچن تي ئي ويهي ريل جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. انهن الائي ته ڪنهن کان ٻڌو آهي ته ٻيدل فقير جي نالي واري ڪا ريل اچڻي آهي، جنهن ۾ چڙهي هو به بنا ٽڪيٽ سفر ڪري شڪارپور وڃي لهندا.

اهڙا ٻيا به ڪيترا ئي ڪتاب وري فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪندڙ مسافرن جيان، ويٽنگ روم ۾ ويٺا آهن. انهن به الائي ڪنهن کان ٻڌو آهي ته شيخ اياز ٽرين ايندي ۽ ڪين مفت ۾ کڻي، وڃي شيخ اياز يونيورسٽيءَ لاهيندي.

هڪڙا ڪتاب وري انهن غريب مسافرن جيان، ويهڻ جي جاءِ نه ڏسي، ان ننڍڙي پليٽفارم ۾ هِت هُت ٽيلار پيا ڪندا رهندا آهن، جن کي اها ڳڻتي آهي ته ڪانه ته ڪا ٽرين ايندي ۽ هو ان ۾ چڙهي ويندا. پوءِ به وقت گذارڻ لاءِ ڪڏهن ڪنهن ويٽنگ روم ۾ گهڙي ويندا آهن يا پاڻ جهڙن، ٽيلار ڪندڙ مسافرن سان اچي ڪچهري ڪندا آهن.

۽ ڪي ڪتاب، خاص طور شاعريءَ جا ڪتاب، وري ڪنهن بي چين مسافر وانگر ڪڏهن ڪڏهن اچي هارمونيم تي ويهندا آهن، ته ڪڏهن پرسان ويهي رڳو منهنجا گيت ٻڌي دل وندرائيندا آهن، ۽ ناول ۽ ڪهاڻين جا ڪي ڪتاب وري انهن مسافرن وانگر جڻ نقاد والا چانهن جي ٿيئي تي ڪنهن نقاد جي اوسيئڙي ۾ ويٺا هوندا آهن ته، ڪو مسافر اچي ۽ اچي ڪين پنهنجي خرچ تي چانهن بسڪيٽن جو چبڙاٽو ڪرائي. اهڙن مسافرن کي مان به چانهن تي سڏيندو آهيان، ته مڙئي راضي پاضي رهندا آهن.

اپر ڪلاس ۾ ويٺل مسافرن وانگر مزي ۾ اُهي ڪتاب هوندا آهن، جيڪي، آڳاٽي زماني جي، پراڻن ۽ گهڙ گهڙ ڪندڙ پکن جي آواز تي، پير پساري، وڏي سُڪون سان سُتا پيا هوندا آهن، ۽ ڪي ڪتاب وري انهن مسافرن وانگر روزاني پليٽفارم تي تفريح ڪرڻ ايندا آهن، پر پليٽفارم جي رونق ڏسي، موٽي وڃڻ بجاءِ پليٽفارم تي ويٺل مسافرن سان ڏيٺ ويٺ پيدا ڪري، اُتي ئي ترسي پوندا آهن،

پوءِ ڪي مسافر جيئن ريل جي اچڻ کان ڪلاڪ ڏيڍ اڳ ۾ اسٽيشن تي اچي ويندا آهن، تيئن ڪيترائي ڪتاب روزاني يا ٻئي ڏينهن، منهنجي سيرانديءَ کان اچي، ويهندا آهن. پر ڪجهه ڪتاب منهنجي پوٽن ڏوهٽن جيان، منهنجي بستري جي سيرانديءَ جي، ٻنهي پاسن تي اچي ويهندا آهن، جيڪي اهڙا اهڙا انوکا احوال پيا ڪندا آهن، جن سان، نه رڳو ڪچهري ڪندي مزو ايندو آهي پر انهن جي ڳالهين جو ذڪر مان پنهنجي ليکن مضمونن ۾ به ڪندو آهيان.

ڪڏهن ڪڏهن ڪي ڪتاب انهن جهونن دوستن وانگر اچي غمخواري ڪندا آهن، ڪائنات جي ڪيترن رازن کان آگاهه ڪندا آهن، جدت ۽ قدامت جي فهم، جديد ۽ جديديت جي نظريي کي سمجهڻ ۾ مدد ڪندا آهن.

پرجيئن ڪي مرد سڳورا پنهنجي زائفن کي ويٽنگ روم ۾ ويهاري، پاڻ ماين کي تاڙڻ ۽ سندن ڪپڙن جي اندران ڏسڻ جو شوق رکندا آهن، تيئن ڪي ڪتاب منهنجي لئبرريءَ ۾ به ايندا آهن، اهڙن وائڙن مسافرن جيان، مون کي اهڙا ڪتاب به ٻنهه نه وڻندا آهن ، ان ڪري مان انهن کي اچي ڪاغذ جو ڪفن پارائي، ريل جي پٽڙيءَ تي رکي ڇڏيندو آهيان ته جيئن ريل اچي ته انهن کي لتاڙي ڇٽي ڇڏي.

جيئن ڪي ڪي مسافر پنهنجو سامان، پيٽيون يا ڪوڪا پري ڪٽي اچڻ بجاءِ رڳو بريف ڪيس ڪٽي ايندا آهن، تيئن سنڌ جي ڪيترن ليکڪن جا ڪتاب ٽپال رستي اچي پهچندا آهن، پر جهڙيءَ ريت ريلوي جي مال گودام ۾ مسافرن جو سامان جمع ٿيل هوندو آهي، تيئن ڪيترا ڪتاب لئبرريءَ بجاءِ گهر جي پويان ٺهيل ”مسرور جي منَهن“ ۾ رکيا آهن، جن کي مينهن کان بچائڻ لاءِ مال گودام وانگر مٿان ترپال وجهي ڇڏي اٿم.

پر ڪمال اهو آهي ته سنڌ سموريءَ ۾ ريلون پيون هلن، ڪٿي، بيدل ريل، ته ڪٿي سنڌالاجي ٽرين ۽ سچل ڳوٺ واري مال گاڏي الڳ ، پر ٻيدل ٽرين يا شيخ اياز تيزگام به الائي ڇو اچڻ ۾ دير ڪئي آهي، پر ايندي به الائي نه!!

پر مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته منهنجي لئبرريءَ ۾ رکيل ڪتاب انهن سمورن مسافرن وانگر ڪنهن نه ڪنهن ٽرين جي اچڻ جو اوسيئڙو ڇو ڪَري رهيا آهن؟ ■

### ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو رکيل موراڻيءَ کي 25 سال اڳ جو لکيل خط

# اسان وٽ سنڌي تعليم جو برو حال آهي‘

سنڌي تعليم جو برو حال آهي. پنهنجي ثقافت (موسيقي، ناٽڪ، ادب ۽ ناچ) کي بچائڻ لاءِ اسان کي ڪوشش جاري رکڻيون آهن، جيئن ايندڙ پيڙهين کي ڪجهه ورثي ۾ ملي. وقت جي وٿين مان عمر جا سال ائين گذري ويا آهن، جيئن هٿن جي آڱرين مان واري. سماءُ ٿي ڪو نه پيو. جانفشاني ڪرڻي پيئي، مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو، پوءِ به شڪايت ڪانهي. سڄيءَ دنيا ۾ ايترا گهڻا ماڻهو هوندا، جيڪي اسان جهڙا سُکي هوندا؟

**پيارا رکيل!**

قمر شهباز ۽ اوهان جا خط ۽ ڪتاب پهتا. مهرباني. هڪ ننڍو پارسل ڪتابن جو مون به ان دوست هٿان قمر شهباز کي موڪليو آهي، جنهن ۾ اوهان ٻنهي لاءِ ٿورا ڪتاب آهن.

اوهان جا گهڻا قرب آهن جو هميشه ياد ڪندا آهيو. اسان جي موٽ نهايت ڍلي آهي، جنهن لاءِ معاف ڪندا. اوهان جا موڪليل ڪتاب ۽ مخزنون پهچنديون آهن ته هفتو ڏيڍ سٺو گذري ويندو آهي. اُتي جون ادبي سرگرميون اسان کي اتساهه به ڏينديون آهن.

شريڪانت ڏانهن اوهان جو لکيل خط پهتو آهي. هو ڏاڍو خلوت پسند ٿي ويو آهي. خط جو جواب ڏيڻ لاءِ به پيو سوچيندو آهي، ان ڪري سندس طرفان آئون ٿو لکان.

مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته اوهان يار سندس شاعريءَ جا قدردان آهيو. اوهان جا شريڪانت جي شعر و شاعريءَ تي لکيل مضمون ڪلاءِ مون پڙهيا آهن. سنڌ لائين ۾ اوهان جو لکيل مضمون ڪلاءِ مون پڙهيو.

ڪتاب جو عنوان "پيار جا پٽر" موزون ٿيندو. ڀلي اهو فقط سندس غزلن جو مجموعو ٿي هجي. جيئن سندس "نفرت جا گل" جي اندرئين صفحي تي سندس هڪ شعر جون سِٽون آهن، تيئن ان مجموعي تي به اُهي سٽيون لڳنديون.


"نفرت جا گل ٿي نيڪ ها جي سچ پُڇين ته دوست
مون ڪان نٿا هي پيار جا پٽر سنڀالجن".

سنڌ لائين ۾ اوهان جو سندس شاعريءَ تي لکيل مضمون، مٿو مهاڳ ٿيندو.

ٻڌم ته هري موٽواڻي ايڏانهن آيو هو ۽ واپس به موٽي آيو آهي. سندس پٽ جي صحت سٺي نه آهي. ڏاڍو سٺو، فهميدو ۽ سنجيدو جوان آهي. منهنجو شاگرد هو. شل ڪو عجوبو ٿئي ۽ هو صحتياب ٿئي! منهنجو ڪتاب ظاهر ٿيو هجي

ته موڪلجو. اوهان جا لک لائق آهن جو هيترو دور هوندي به ان نموني پيا ياد ڪريو.

اسان کي هتان فيبروري 2001ع ۾ واپس ورڻو آهي. فيبروريءَ ۾ هن اسڪول ۾ 24 سال ڪم ڪندي گذري ويا. مئي 2001ع ۾ عمر جا ستر سال پورا ڪندس.




وقت جي وٿين مان عمر جا سال ائين گذري ويا آهن، جيئن هٿن جي آڱرين مان واري. سماءُ ٿي ڪو نه پيو. جانفشاني ڪرڻي پيئي، مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو، پوءِ به شڪايت ڪانهي. سڄيءَ دنيا ۾ ايترا گهڻا ماڻهو هوندا، جيڪي اسان جهڙا سُکي هوندا؟ اوهان جهڙن دوستن جا قرب مليا، ڪن سان ڪچهريون ٿيون. وڃڻ کان اڳ اوهان کي نئين سرنامي کان واقف ڪنداسين. ائين بنا ڄاڻائڻ جي ڪو نه وينداسين. حياتيءَ وڏا وڙ ڪيا آهن.

اسان ٿيئي، ڪلا، سنڌو (ڌيءَ) ۽ مان ڪڇ (ڀڄ) جي پرسان آديپور (گانڌيڌام) ۾ ٽانيڪا ٽيڻ جو ارادو رکون ٿا. اتي سنڌي اديبن، فنڪارن ۽ تعليمدانن جي هڪ ڪالوني آهي "ملير" جتي اسان جو ننڍو گهر آهي. اسين ٿيئي وڃي اُتي خدمتگار ٿينداسين انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جا، جنهن جا مقصد به حيدرآباد (ڄامشوري) جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جهڙا آهن. انڊيا ۾ سنڌي، ملڪ جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ پکڙيل آهن. سنڌي تعليم جو برو حال آهي. پنهنجي ثقافت (موسيقي، ناٽڪ، ادب ۽ ناچ) کي بچائڻ لاءِ اسان کي ڪوشش جاري رکڻيون آهن، جيئن ايندڙ پيڙهين کي ڪجهه ورثي ۾ ملي.

شريڪانت کي به پنهنجي ڪٽنب سان بمبئيءَ ۾ وڃي ٽانيڪو ٽيڻ جو ارادو آهي، جتي ننڍڙو گهر آهي. جيستائين هتي آهيون تيستائين سندس ٻارڙين؛ سمرتي ۽ ساڪشي سان وندريا وينا آهيون. ڏاڍيون پياريون آهن. سمرتي هينئر KGڪلاس ۾ ويندي آهي. ساڪشيءَ ته اڃا به سال پورا ڪيا آهن.

سيني يارن دوستن کي اسان سيني طرفان سلام

اسين اوهان جي ڪٽنب جي سُک ۽ صحت لاءِ دعاگو آهيون.

ق.ت_1. سدا حيات تنوير عباسيءَ جي پٽ سرمد عباسيءَ جي ائڊريس (اسلام آباد جي) ۽ فون ملي سگهي ته موڪلجو.


ق.ت_2. بمبئيءَ ۽ آديپور جا سرناما ليٽر هيڊ تي لکيل آهن.

احوال ڏجو:

1_ قمر شهباز، تاج بلوچ، بدر ابڙي، جناب جمال ابڙي، تاج جوئي ۽ ٻين يارن لاءِ اسان جون يادگيريون

2_ جيڪڏهن هري موٽواڻيءَ جي ڏنل ٻٽر پيپر جي مدد سان ڪتاب اڃا نه ڇپيو هجي ته ضروري درستيون ڪجو.

اوهان جو موتي پرڪاش
7 آڪٽوبر 2000ع دبئي



# سائنسي تحقيق جا معيار

**جيڪڏهن ايئن چئجي ته تحقيق جا معيار لڪيل هوندي به ماڻهپي تي آڌاريل آهن ته وڌاءُ ڪونه ٿيندو جو اسان هن لوپ ورتل نيولبرل سرمائيداريءَ ۾ انهن معيارن جي کلم کلا نه رڳو خلاف ورزي پر بي توقيري ٿيندي به ڏسئون پيا. سائنسي علم هر ڪنهن لاءِ آهي. اهو عالمگير آهي ۽ ڪنهن فرد يا گروهه جو ناهي. ٻين لفظن ۾، هڪ سائنسي دعويٰ کي ان جي خوبين تي پرکڻ گهرجي، نه ڪي دعويٰ ڪندڙ شخص جي ذات تي. هڪ سائنسدان جي ٻولي، نسل، قوميت، دين، ڌرم، مذهب، رهائش، صنف، جنس يا پسنديد ناپسند جهڙين خاصيتن کي سندس ڪم جي پرکڻ کي متاثر نه ڪرڻ گهرجي.**



عبدالرحمٰن پيرزادو

اهي سائنسي معيار ئي آهن، جيڪي محققن جي روئيي کي ترتيب ۽ شڪل ڏين ٿا. گذريل چئن سئو سالن کان وڌيڪ عرصي ۾ سائنسي تحقيق صحيح طريقي سان ڪيئن ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ گهڻو ڪري اڻ لکيل هدايتون هيون. تحقيق ڪندڙ برادريءَ ۾ مفروضو اهو آهي ته، سائنس سڀ کان وڌيڪ اثرائتي طور تي ترقي تڏهن ڪري ٿي، جڏهن سائنسدان پاڻ کي ڪنهن طريقي، ڪنهن ترتيب سان منظم ڪندا آهن.
انهن روين ۽ ورتاءَ تي لکڻ وارو پهريون شخص رابرٽ ميرٽن هو، جنهن سن1942ع ۾ سائنس جي سماجيات جي ماخذ، سائنس جي اخلاقيات کي بيان ڪيو. هن تحقيق جي قدرن ۽ اصولن جو هڪ خاڪو يا ڏڳ بيان ڪيو، جنهن ڏانهن سائنس ۾ تحقيق ڪندڙ هر ماڻهوءَ کي جوابد سمجهيو ويندو آهي. هاڻي انهن کي سائنسي اصولن جي طور ياد ڪيو ويندو آهي.
انهن اصولن جو مقصد اهو آهي ته سائنسدانن کي اهڙن طريقن سان عمل ڪرڻ گهرجي، جيڪي علم جي اجتماعي ترقيءَ کي بهتر بڻائين. تربيت ۾ سائنسدانن کان توقع ڪئي ويندي آهي ته اهي سالن تائين پنهنجن استادن جي مشاهدي ڪانپوءِ سائنس جي وڏي تصوير سکي ويندا، پر سدائين ايئن ناهي ٿيندو. سائنسي معيار سائنسي ڪوششن جو هڪ وڏو حصو آهن، جن ۾ عالمگيريت، اشتراڪيت، عدم دلچسپي، ذاتي مفاد يا مفادن جو ٽڪراءُ، سالميت ۽ عاجزي شامل آهن.
سائنسي علم هر ڪنهن لاءِ آهي. اهو عالمگير آهي ۽ ڪنهن فرد يا گروهه جو ناهي. ٻين لفظن ۾، هڪ سائنسي دعويٰ کي ان جي خوبين تي پرکڻ گهرجي، نه ڪي دعويٰ ڪندڙ شخص جي ذات تي. هڪ سائنسدان جي ٻولي، نسل، قوميت، دين، ڌرم، مذهب، رهائش، صنف، جنس يا پسنديد ناپسند جهڙين خاصيتن کي سندس ڪم جي پرکڻ کي متاثر نه ڪرڻ گهرجي.
انهيءَ سان گڏ، هڪ سائنسدان جي ماضيءَ جي ڪارڪردگيءَ کي پڻ سندس هاڻوڪي دعويٰ تي اثر انداز نه ٿيڻ گهرجي. مثال طور، نوبل انعام يافته ڪيمسٽ لينس پالنگ سائنسدانن کي قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو ته وٽامن سي جو وڏو مقدار طبي طور تي فائديمند آهي. سندس ثبوت سندس دعويٰ جي حمايت لاءِ ڪافي نه هئا.
عملي طور، متضاد دعوائن جو انصاف سان فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي، جڏهن اهي ساڳئي شعبي ۾ هڪ ”وڏي نالي“ کان ايندا هجن ۽ هڪ نامعلوم محقق کان، جنهن اڃا پنهنجي شعبي ۾ شهرت نه ماڻي آهي. عالمگيريت جي اهڙين خلاف ورزين ڏانهن اشارو ڪرڻ آسان آهي، جڏهن ٻيا سائنسي معيارن کي پنهنجي نئين ڪم بابت پنهنجي راءِ کي هڪ يا ٻئي طريقي سان متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.
سائنس ۾ اشتراڪيت هڪ اهڙو خيال آهي، جنهن مطابق سائنسي علم سڀني، مطلب هر ڪنهن جي ملڪيت آهي ۽ ان کي ونڊيو وڃي. جان سالڪ، جنهن پوليو ويڪسين ايجاد ڪئي، تنهن اشتراڪي سائنسي معيار جو هڪ شاندار مثال پيش ڪيو. هن پنهنجي تحقيق شايع ڪئي، پر ويڪسين کي پيٽنٽ نه ڪيو ته جيئن ان کي گهٽ قيمت تي آزاد طور پيداوار ڪري سگهجي.
جڏهن سائنسي تحقيق جو سڌو سنئون تجارتي استعمال نه هوندو آهي، ته اشتراڪيت تي عمل ڪرڻ آسان هوندو آهي. جڏهن پئسا شامل هوندا آهن، تڏهن شيون پيچيده ٿي وينديون آهن. ڪيترائي سائنسدان ڪارپوريشنن لاءِ ڪم ڪندا آهن، ۽ اهي شايد پنهنجين دريافتن کي شايع به نه ڪندا آهن ته جيئن انهن کي مقابلي کان پري رکي سگهجي. ساڳيو حال دفاعي تحقيق ۽ سائبر سيڪيورٽي جو آهي، جتي نتيجن کي شايع ڪرڻ مخالفن جي مدد ڪري سگهي ٿو.
عدم دلچسپي جو مطلب اهو آهي ته سائنسدان پنهنجي تحقيقي ڪم کي بنيادي طور تي علم جي واڌاري لاءِ جاري رکندا آهن، نه ڪنهن ذاتي، مذهبي ۽ سياسي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ يا امير ٿيڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. اميد اها آهي ته هڪ محقق پنهنجي ڪم جا نتيجا عام ڪندو، ان ڳالهه کان قطع نظر ته ڪنهن نتيجي جو انهن جي ڪيريئر يا معاشي بنياد تي ڇا اثر پوندو.
سياسي طور تي متضاد موضوعن تي تحقيق، جهڙوڪ ويڪسين جي حفاظت، اهو آهي جتي عدم دلچسپي رهڻ مشڪل ٿي سگهي ٿي. تصور ڪريو ته هڪ سائنسدان جيڪو ويڪسين جو سخت حامي آهي، جيڪڏهن، ويڪسين جي تحقيق جا نتيجا ٻارن لاءِ سنگين خطرو پيش ڪن، تڏهن به اهو سائنسدان انهن نتيجن کي عام ڪرڻ جو پابند آهي. ساڳئي ريت، جيڪڏهن هڪ سائنسدان ڪنهن دواساز ڪمپنيءَ ۾ سيڙپڪاري ڪئي آهي، ۽ سائنسدان جي تحقيق ڏيکاري ٿي ته دوا خطرناڪ آهي، تڏهن به اهي اخلاقي طور تي اها تحقيق شايع ڪرڻ جا پابند آهن، جيتوڻيڪ اهو انهن جي سيڙپڪاري يا آمدني يا ٻنهي کي نقصان پهچائيندو.
ان ڪانسواءِ، تحقيق شايع ڪرڻ وقت سائنسدانن کي ڪم سان لاڳاپيل ڪنهن به مفاد جي ٽڪراءَ کي ظاهر ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهو قدم ٻين کي آگاهي ڏئي ٿو، جيڪڏهن ذاتي مفاد عدم دلچسپي تي غالب اچي وڃي ته اهي ڪم جي تشخيص ۾ وڌيڪ شڪ پيدا ڪندا. عدم دلچسپي سائنسي جرنلن جي ايڊيٽرن تي پڻ لاڳو ٿئي ٿي، جيڪي اهو فيصلو ڪرڻ جا پابند آهن ته ڇا تحقيق سائنس جي بنياد تي شايع ڪجي، يا ذاتي، سياسي يا معاشي اثرن جي ڪري شايع ڪجي؟ اڄڪلهه ته هر هڪ جرنل محقق کان شايع ڪرڻ جو اجورو طلب ڪري ٿو.
تحقيق جو هڪ معيار منظم شڪ به آهي. شڪ جو مطلب اهو ناهي ته خيالن کي رد ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته اهي توهان پسند نٿا ڪريو. سائنس ۾ شڪ ڪرڻ انتهائي تنقيدي هجڻ ۽ تحقيق جي هڪ هڪ حصي ۾ ڪمزورين کي ڳولهڻ آهي. جڏهن ڪو سائنسدان ڪنهن جرنل ۾ هڪ مضمون جمع ڪرائيندو آهي، ته ايڊيٽر ان کي موضوع ۽ استعمال ٿيندڙ طريقن کان واقف ٻن يا ٽن ليکڪ جي همعصر سائنسدانن ڏانهن موڪليندو آهي. اهي ان کي غور سان پڙهندا آهن ۽ ڪنهن به اهڙي مسئلي جي نشاندهي ڪندا آهن، جيڪو هو سمجهن ٿا. ايڊيٽر ڪانپوءِ نظرثاني ڪندڙن جي رپورٽن کي استعمال ڪندي فيصلو ڪندو آهي ته ڇا قبول ڪيو وڃي، جيئن آهي، مڪمل طور تي رد ڪيو وڃي يا نظرثاني


تصوير گوگل تان ورتل

جي درخواست ڪئي وڃي. جيڪڏهن فيصلو نظرثاني جو ڪيو وڃي، ته ليکڪ پوءِ هر تبديلي ڪندو آهي يا ايڊيٽر کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته نظرثاني ڪندڙ غلط آهي.
ڏٺو وڃي ته اهو جيڏن پاران جائزو مڪمل ڪونهي ۽ سدائين خراب تحقيق کي ڪونه پڪڙيندو آهي، پر اڪثر ڪيسن ۾ اهو ڪم کي بهتر بڻائيندو آهي، ۽ سائنس کي فائدو ڏيندو آهي. روايتي طور تي نتيجا ڪنهن جيڏي جي جائزي کان اڳ عام نه ڪيا ويندا هئا، پر اهو عمل هاڻوڪن سالن ۾ پري پرنٽس جي اڀار سان ڪمزور ٿي ويو آهي، جنهن غير سائنسدانن لاءِ معلومات تي اعتبار کي پڻ گهٽائي ڇڏيو آهي.
سٺي سائنس لاءِ سالميت ايتري قدر بنيادي آهي جو ان جو ذڪر ڪرڻ به جهڙوڪر غير ضروري لڳي ٿو، پر مون کي لڳي ٿو ته اهو جائز آهي، ڇاڪاڻ ته ٺڳي، چوري ۽ سست سائنسدان اڄڪلهه تمام گهڻو ڌيان حاصل ڪري رهيا آهن.
ٻيو عاجزي آهي. توهان شايد سيل ڊويزن جي اسان جي سمجهه ۾ حصو ورتو هجي، پر اسان کي اهو نه ٻڌايو ته توهان ڪينسر جو علاج ڪيو آهي، توهان ڪوانٽم ميڪينڪس جي تحقيق ۾ اڳواڻ ٿي سگهو ٿا، پر اهو توهان کي موسمياتي تبديليءَ تي بااختيار نٿو بڻائي.
سائنسي معيار هدايتون آهن ته سائنسدان نون تحقيقدانن کان ڪيئن ۽ ڪهڙي رويي جي توقع ڪئي ويندي آهي. هڪ محقق جيڪو انهن معيارن مان ڪنهن هڪ جي به خلاف ورزي ڪندو، ان کي جيل ته خير ڪونه موڪليو ويندو يا مٿس ڪو ڏنڊ به ڪونه وڌو ڪيو ويندو، پر جڏهن هڪ اصول جي پيروي نه ڪئي ويندي ته اهو سائنسدان يا محقق پاڻ لاءِ ۽ ٻين لاءِ جوابد آهي. سائنسدانن کي پنهنجن سببن کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ اٿندڙ سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي.
ٿلهي ليکي جيڪڏهن ايئن چئجي ته تحقيق جا معيار لڪيل هوندي به ماڻهپي تي آڌاريل آهن ته وڌاءُ ڪونه ٿيندو جو اسان هن لوپ ورتل نيولبرل سرمائيداريءَ ۾ انهن معيارن جي کلم کلا نه رڳو خلاف ورزي پر بي توقيري ٿيندي به ڏسئون پيا. ■

# هاڻي قبرستان کان خوف ناهي ٿيندو، ڇو جو بابا جو اُتي آرامي آهي

زندگيءَ جا ڪيترائي ئي سفر مون بابا سان گڏ ڪيا. هاڻي بابا جي ڇڏائجي ويل هٿ جا نشان پنهنجي هٿ تي ڳوليندي مَنُ مرجهائڻ لڳندو آهي.



فوزيه سنڌيلو

زندگيءَ جا ڪيترائي ئي سفر مون بابا سان گڏ ڪيا. ڳوٺ کان ڏوڪري، لاڙڪاڻي، نوابشاهه، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ تائين جا سفر. پهريون سفر جڏهن موهن جي دڙي ايئرپورٽ کان هوائي جهاز ذريعي ڪراچيءَ تائين ڪيو هيم، تڏهن ايتري ننڍڙي هيس جو ڪجهه به ياد ناهي. اهي ڪجهه منظر تصويرن ۾ قيد ٿيل ڏسي خوشي ٿيندي آهي. انهن تصويرن ۾ مان سمنڊ ڪناري ڳاڙهي فراڪ ۾ بابا جو هٿ پڪڙي بيٺل آهيان. سمنڊ بابا کي ڏاڍو پسند هوندو هيو! سمنڊ جي لهرن جو ڪناري سان ٽڪرائجڻ ڏسي هاڻي دل ۾ درد جون لهرون اڀرڻ لڳنديون آهن. بابا جو پڪڙيل منهنجو اهو هٿ ڪڏهوڪو هٿ مان ڇڏائجي چڪو آهي. ان جا نشان هٿن تي ڳوليندي هاڻي من مرجهائجڻ لڳندو آهي. هڪ پراڻي فوٽو البم ۾ اهي سڀ پل قيد ٿيل آهن. زندگيءَ جا اهي خوبصورت پل هاڻي خواب بڻجي ويا آهن.

ان کان پوءِ ڏوڪري گرلس هاءِ اسڪول ويندي بابا سان نئون سفر شروع ٿيندو هيو. ڪڏهن ڪڏهن موٽرسائيڪل خراب هوندي هئي ته، بابا مون کي پنڌ وٺي ٻنين مان محراب پور تائين ايندو هيو، جتان پوءِ ڪا سواري ملندي هئي ته ڏوڪريءَ پهچندا هئاسين. اسڪول مان موڪل کان پوءِ مان چاچا عبدالستار عباسيءَ جي گهر ويندي هيس، جتان شام جو بابا ۽ مان چاچا غلام مصطفيٰ سان گڏ سنڌس موٽر سائيڪل تي ايندا هئاسين. هڪ ڏينهن سج لهي ويو هو. رستي تي گاڏي موٽر سائيڪل پنڪچر ٿي پئي. اونده ٿيڻ لڳي هئي. ڳوٺ جو هڪ گڏهه گاڏو پئي ويو، جنهن تي ويٺل هڪ مائيءَ سان مان گڏ وينس. بابا جن اڳتي نڪري ويا. اسان ڪجهه ويجهو آياسين ته، بابا اتي بيٺو هو، جنهن چيو ته، ”پٽ، مصطفيٰ کي چيم ته اتي بيهه مقام کان فوزيه ڊڄندي. توهان اڳيان هلو ته اسان اوهان جي گاڏي جي پويان ٿا هلون.“

ايئن گهر تائين پهچندي رات ٿي وئي. اسان جو اهو قبرستان رستي ۾ ايندو آهي، جتان گذرندي واقعي اڳ ۾ خوف ٿيندو هو، پر هاڻي جڏهن کان بابا ۽ چاچا وڃي اتي آرامي ٿيا آهن، تڏهن کان اهو خوف ختم ٿي ويو آهي. هاڻي ته ڪڏهن شهر ويندي دير ٿي ويندي آهي ته واپسيءَ ۾ ڪبڙن جي پنن مان بابا مٺان ليئا پائيندڙ چانڊوڪي کي ڏسندي سوچيندي آهيان، ”بس ٿورو سفر زندگي جو پورو ڪري اسان به هڪ ڏينهن بابا اوهان جي پرسان اچي هميشه لاءِ اوهان سان گڏ ٿينداسين.“ ٽيسٽائين وڇوڙي جا وڇونءَ جهڙا ڏنگ برداشت ڪرڻا پوندا ۽ انهن يادن سهاري جيئڻو پوندو، جيڪي بابا سان سلهاڙيل آهن.

بابا سان سفر جون يادون ذهن مٿان ڪارين گهٽائن جيئن ڇانئجي وڃن، جيئن ئي ڪلهه ڳوٺ کان ڪراچي لاءِ روانا ٿياسين. رستي ۾ ان قبرستان پرسان گذرڻ ٿيو، جتي بابا فطرت جي هنج ۾ آرامي آهي. سڄي واٽ بابا جا خيال پکين جي ولرن جيان اچي دل جي ڌرتيءَ تي لٿا. من تي اداسيءَ جا ڪارا پاڇا ڇانئجي ويا. سوچيم پئي، اهي سفر ڪيڏا وڻندڙ هوندا هئا. نه ڪا پريشاني، نه رستي تي ڪو خوف! تڏهن بابا چوندو هيو ”سفر ۾ مون کي پريشاني ٿيندي آهي، ڪوئي گڏ هجي.“ تڏهن ان ڳالهه کي سنجيدگيءَ سان نه وٺندي هيس، پر بابا جي وڃڻ کان پوءِ واقعي سفر ۾ پريشاني ٿيندي آهي، خوف ٿيندو آهي.

رستي ۾ هڪ دفعي سن ويجهو ٻير جي وڻ هيٺان ويهي ماني کاڌي هئي سين. هاڻي جڏهن اتان گذرڻ ٿيندو آهي ته اکيون اهو وڻ تلاش ڪرڻ لڳنديون آهن، پر شايد اهو وڻ ڪٽجي ويو. ڪڏهن ٻيهر نظر ئي نه آيو. هاڻي جڏهن انهن جڳهين وٽان گذر ٿيندو آهي، جتان بابا سان گڏ گذرڻ ٿيو هيو، ته دل جي ڌرتي ڏڏي پوندي آهي. رڳن ۾ رت بدران درد جو وهڪرو اسپيڊ وٺڻ لڳندو آهي. دنيا اونداهي ٿي ويندي آهي ۽ اداسي من کي وڻ ويڙهيءَ جيئن وڪوڙي ويندي آهي. ■




# ڪشمير: قدرتي سونهن ڏانهن سفر -1



الطاف ابڙو

14 جون 2025ع تي اسان خيرپور، سکر ۽ روهڙيءَ مان نڪتاسين. صبح جي تازي هوا، سج جي پهرين ڪرڻن، ۽ ساٿ ۾ سکر ريجن جي ڪاليجز جا معزز ۽ علم دوست استاد: سائين محمد ايوب مري، سائين ارشاد مانڌڻ، فقير عبدالرحمان کهڙو، ڊاڪٽر شفيق رند، سيد علي گل شاهه، ذوالفقار سومرو، روشن علي خاصخيلي، زاهد سولنگي، انور سولنگي، ذوالفقار پنهور، راقم الحروف (الطاف ابڙو)، جمال مهر زوار حتار، رياض مري ۽ ارمان شيخ.

روهڙيءَ کان ڪشمير جا رستا، ڄڻ وقت جي پرچم تي لکيل ڪا شاعري هجن، جنهن ۾ هر موڙ تي نئون احساس، نئون نظارو ۽ نئون سبق ملي ٿو. هي سفر اسان لاءِ رڳو هڪ سياحتي سفر نه هو، پر هڪ روحاني تجربو پڻ هو، جتي اسان فطرت جي هنج ۾ ساهه کنيو ۽ ان جي سونهن کي دل جي گهراين ۾ سمايو.



**پهريان ٻه ڏينهن: ڪوهه مري (14 جون 2025)**

اسان پنهنجي سفر جي شروعات 14 جون تي ڪئي ۽ پهرين رات ڪوهه مريءَ ۾ رهياسين. ڪوهه مري، جيڪو پاڪستان جي صوبي پنجاب ۾ آهي، اسلام آباد کان لڳ ڀڳ 60 ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي. هيءَ جاءِ پنهنجي ٿڌڙي موسم، ساوڪ سان ڀريل جبلن، ۽ دلڪش نظارن جي ڪري مشهور آهي. انگريزن جي دور ۾ هيءَ جڳهه ”گرميءَ کان بچڻ لاءِ“ ٺهيل هئي، ۽ اڄ به اها گرمين ۾ سياحن لاءِ هڪ جنت بڻيل آهي. ڪوهه مريءَ جي بلندي لڳ



ڀڳ 7,500 فٽ آهي، جيڪا ان کي هڪ مثالي ٿڌو مقام بڻائي ٿي. هتي جون ساوڻ واديون، بلند و بالا چنار جا وڻ، ۽ ڏنڊ ۾ ويڙهيل جبل؛ سياحن جي دلين کي موهي وجهن ٿا. اسان هتي رات هڪ مقامي گيسٽ هائوس ۾ گذاري، جتي هر طرف جو نظارو دل کي ڇُهندڙ هو.

رات جو ٿڌي هوا ۽ پرسڪون ماحول اسان جي سفر جي شروعات کي يادگار بڻائي ڇڏيو. مقامي کاڌن، جهڙوڪ تازي مکڻ ۽ گرم چانهه، اسان جي جوش کي ٻيڻو ڪري ڇڏيو.

**ٽيون ڏينهن: وادي ڪرن ۽ اپر نيلم (16 جون 2025)**

16 جون تي اسان ڪوهه مريءَ کان وادي ڪرن ڏانهن روانا ٿياسين. ٽئين رات اسان اپر نيلم ۾ رهياسين. وادي ڪرن، نيلم ويلي جو هڪ خوبصورت حصو آهي، جيڪا نيلم درياهه جي نيلي پاڻين جي ڪري مشهور آهي. هيءَ وادي پاڪستان ۽ ڀارت جي سرحد جي ويجهو واقع آهي، جتي نيلم درياهه پنهنجو جادو پيدا ڪندو اڳتي وهي ٿو. هن واديءَ ۾ ڌرتيءَ جي رڳن مان ساوڪ ڦٽي پئي آهي، ۽ هوا ۾ اهڙو سڪون آهي، ڄڻ وقت هتي بيهي ويو هجي. نيلم درياهه جي ڪناري تي گهمندي اسان ڏٺو ته فطرت هتي پنهنجي سونهن جا رنگ ڪيئن وڇايا آهن. هتي جا جبل، ساوا ميدان، ۽ ننڍڙا ننڍڙا ڳوٺ اهڙي هم آهنگي پيش ڪن ٿا، جو دل کي سڪون ملي وڃي ٿو.



اپر نيلم ۾ رات گذاريندي اسان مقامي ثقافت کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو. رات جي ٿڌ اسان کي ڪمبل ويڙهڻ تي مجبور ڪيو، ۽ مون ڪشمير جو روايتي لباس، يعني پهيرن، پاتو. هي نرم، گرم، ۽ خوبصورت لباس ڪشمير جي ثقافت جو هڪ زنده اظهار آهي. هن لباس جي گرميءَ نه رڳو سرديءَ جو احساس گهٽايو، پر اسان کي مقامي ماحول جو حصو پڻ بڻايو. رات جو اسان مقامي کاڌن جو مزو ورتو، جن ۾ ڪشميري دم آلو ۽ گرم روٽي شامل هئي. اهو کاڌو نه رڳو لذيذ هو، پر ان اسان کي مقامي ثقافت سان پڻ ڳنڍيو. انهن لمحن ڪشمير کي رڳو هڪ وادي نه، پر هڪ احساس بڻايو. ■

# قمر احمد: ڪرڪيٽ جي دنيا جو انسائيڪلوپيڊيا


قمر احمد 1950 ع جي آخر ۽ 1960 ع جي شروعاتي ڏهاڪن ۾ سنڌ صوبي ۽ حيدرآباد شهر جي ڪرڪيٽ ٽيمن لاءِ فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽ ڪيڏي، ۽ 1961_62 ع ۾ قائداعظم ٽرافي ۾ حيدرآباد جي ڪپتاني پڻ ڪئي. هن پنهنجو صحافتي سفر انگلينڊ مان ٿي 1974 ع ۾ ساک واري عالمي خابرو اداري_ بي بي سي اردو سروس کان شروع ڪيو، ۽ پوءِ چوٽيءَ جي اخبارن جهڙوڪ دي ٽائمز، ٽيليگراف ۽ گارجين جهڙين اخبارن لاءِ به ڪم ڪيو.



لياقت عباسي

ڪرڪيٽ جي دنيا جو انسائيڪلوپيڊيا قمر احمد نه صرف پاڪستان پر دنيا جو هڪ ناليوارو ڪرڪيٽ صحافي، نشرياتي ماهر ۽ اڳوڻو فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽر آهي، جيڪو 23 آڪٽوبر 1937ع تي انگريز راڄ هيٺ برصغير جي موجوده ڀارتي علائقي مغل سراءِ، اتر پرديش ۾ ڄائو. قمر احمد ورهاڱي وقت ڏهن ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجي خاندان سميت پاڪستان هجرت ڪئي ۽ حيدرآباد ۾ پليو پڙهيو. هن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان انگريزيءَ ۾ گريجوئيشن ڪئي.

قمر احمد 1950ع جي آخر ۽ 1960ع جي شروعاتي ڏهاڪن ۾ سنڌ صوبي ۽ حيدرآباد شهر جي ڪرڪيٽ ٽيمن لاءِ فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽ ڪيڏي، ۽ 1961_62ع ۾ قائداعظم ٽرافي ۾ حيدرآباد جي ڪپتاني پڻ ڪئي. هو ساڄي هٿ سان بيٽنگ ڪندڙ ۽ سُست کاٻو هٿ اسپن بالر آرٿوڊاڪس( slow left_arm orthodox bowler)آهي. ڪيس اهو منفرد اعزاز حاصل آهي ته هن فرسٽ ڪلاس ڪرڪيٽ ۾ ڪراچيءَ جي ڪرڪيٽ دنيا ۾ ڄڳ مشهور پنجن ڪرڪيٽر ”محمد ڀائرن“ کي آئوٽ ڪيو.




ڪرڪيٽ کان صحافت طرف منتقل ٿيڻ بعد قمر احمد جي صحافتي ڪيريئر کي پنجن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو آهي. هن تقريباً هر ڪرڪيٽ رپورٽر کان وڌيڪ ميچون ڪوريج ڪيون آهن. هن 450 ٽيسٽ ميچون، 739 ون ڊي انٽرنيشنل (ODIs)۽ 09_نَو ورلڊ ڪپ ڪوريج ڪرڻ جو عزاز حاصل ڪيو آهي. ان طرح هو دنيا جي سڀ کان وڌيڪ تجربيڪار ڪرڪيٽ صحافين مان ليکجي ٿو. هو 1960 واري ڏهاڪي ۾ انگلينڊ منتقل ٿي ويو هو ۽ هن پنهنجو صحافتي سفر انگلينڊ مان ٿي 1974 ع ۾ ساک واري عالمي خابرو اداري_ بي بي سي اردو سروس کان شروع ڪيو، ۽ پوءِ چوٽيءَ جي اخبارن جهڙوڪ دي ٽائمز، ٽيليگراف ۽ گارجين جهڙين اخبارن لاءِ به ڪم ڪيو.

قمر احمد کي عالمي سطح تي ڪرڪيٽ جي وڏي ڪوريج لاءِ ساراهيو ويندو آهي، جنهن ۾ تاريخي هزارين ٽيسٽ ميچون شامل آهن. هي نسلي تعصب واري دور ۾ ڏکڻ آفريڪا جي اڳوڻي صدر ۽ 27 سال جيل جون سختيون برداشت ڪندڙ اڳواڻ نيلسن منڊيلا جهڙين شخصيتن جا انٽرويوز ڪرڻ جو پڻ اعزاز رکي ٿو. هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ سر ڊان بريڊمين ۽ سر گيري سوبرز جهڙن ڪرڪيٽ جي ليجنڊس سان ملاقاتن بابت پڻ دلچسپ قصا لکيا آهن. (ڪرڪيٽ جي شوقينن کي سندس آتم ڪٿا ضرور پڙهڻ گهرجي).

ايتري ڊگهي ڪيريئر جي باوجود، قمر احمد جديد ٽي_20 ڪرڪيٽ فارميٽ ۾ دلچسپي نٿو رکي، ۽ روايتي ڪرڪيٽ فارميٽس کي ترجيح ڏئي ٿو. هي پاڪستان ۾ ڪرڪيٽ جي انتظامي معاملن بابت (پي سي بي) تي به کليل انداز ۾ ۽ بغير رک رکاءَ جي تنقيد ڪري ٿو، خاص طور تي رانديگرن جي چونڊ واري معاملي تي انتظاميه تي جانبداري ۽ اقربا پروري جو الزام مڙهي ٿو.89 _ورهين جو قمر احمد ڏيک ۾ شايد ئي ڪو ستر ورهين کان وڌيڪ لڳي، جيڪو هن وقت به انتهائي ڦڙتيءَ سان سرگرم صحافتي ۽ نشرياتي ماهر طور ڪم ڪري






رهيو آهي. هي پنهنجي صحت جو راز متحرڪ رهڻ ۽ ڪرڪيٽ سان جوڙي ٿو. هي رٽائر ٿيڻ جو ڪو به ارادو ظاهر نٿو رکي. سندس چوڻ آهي ته جيستائين صحت سني آهي، هو پنهنجون مصروفيات جاري رکندو.

تازو قمر احمد سان ڪرڪيٽ، صحافت ۽ سندس آتم ڪٿا واري ڪتاب For More Than Game) يعني ”هڪ راند کان وڌ“ بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه جو اهتمام لياقت نيشنل اسپتال جي ڪنوينشن سينٽر ۾ ڪيو ويو. ٻن ڪلاڪن تي ٻڌل ان ويهڪ جو عنوان هيو _View From the Boundaries ويهڪ جو ماڊريٽر ۽ ميزبان ڊاڪٽر سلمان فريدي هيو، جيڪو پاڻ ڪرڪيٽ جو شوقين، مصنف ۽ لياقت نيشنل اسپتال جو ميڊيڪل ڊائريڪٽر آهي. ڊاڪٽر سلمان فريدي، قمر احمد کان ڪرڪيٽ، صحافت، عالمي اڳواڻن، رانديگرن، فلمي دنيا جي اسٽارز ۽ ذاتي تلخ تجربن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي.

پنهنجي يادداشت تي دسترس رکندڙ قمر احمد مختلف سوالن جا جواب ڏيندي چيو آهي ته، ”بال ٽيمپرنگ“ جو رجحان ڪرڪيٽ جي ابتدائي دور کان موجود آهي، پر مغربي ٽيمون ۽ ڪرڪيٽ بورڊ اڪثر پاڪستاني ۽ ٻين ايشيائي رانديگرن کي نشانو بڻائيندا رهيا آهن. هن چيو ته ميچ فڪسنگ هڪ عالمي مسئلو آهي ۽ ان کي ڪنهن هڪ علائقي تائين محدود نٿو ڪري سگهجي. هن ڪرڪيٽر فضل محمود کي انتهائي خوبرو رانديگر قرار ڏنو. جڏهن ته وسيم اڪرم ۽ وقار يونس کي دنيا جا بهترين بالر قرار ڏيندي ڀارت جي چوٽيءَ جي ڪرڪيٽ رانديگر سنيل گواسڪر جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته. گواسڪر 1986 ۾ ڪرڪيٽ جي دنيا مان رٽائر ٿي چڪو هو ۽ هو ميڊيا ۾ اچڻ پيو چاهي. هن خواهش ڏيکاري ته مان ڪالم لکڻ چاهيان ٿو، ان لاءِ مون ڊيلي ٽائيمز سان ڳالهايو، جن جو چوڻ هيو ته اسين سنيل گواسڪر کي افورڊ نه ٿا ڪري سگهون، پر پوءِ ڪيس ڪالم لکڻ جو موقعو ملي ويو. پوءِ هن ٽائيمز ۽ ٽيليگراف ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيا.

اهڙي موقعي تي ڪنوينشن سينٽر آڊيٽوريم ۾ ناليوارن ڪرڪيٽرن صادق محمد ۽ توصيف احمد سميت پروفيشنلز، ڊاڪٽرز، ڪرڪيٽ لورز، ميڊيا پرسنز ۽ ادبي ۽ سماجي شخصيتن سميت مختلف ماڻهن شرڪت ڪري سندس جي ڪارائتين ڳالهين کي وڏي سنجيدگيءَ سان ٻڌو ۽ خوب انجواءِ ڪيو.

قمر احمد ٻڌايو ته، هن 1984 ع ۾ حيدرآباد ۾ پاڪستان ۽ نيوزيلينڊ جي وچ ۾ ٽيل ڪرڪيٽ جي 1000هين ٽيسٽ ۽ 2011 ع ۾ لارڊز تي انگلينڊ ۽ ڀارت جي وچ ۾ ٽيل




2000هين ٽيسٽ جي ڪوريج پڻ ڪئي هئي.جڏهن ته 732 ون ڊي انٽرنيشنلز ۽ 8 ورلڊ ڪپ ٽورنامينٽس به رپورٽ ڪيا آهن. هن چيو ته صحافي طور 400 ٽيسٽ ميچون مڪمل ڪرڻ هڪ وڏو اعزاز آهي، ۽ مان هن منفرد حيثيت تي فخر محسوس ڪريان ٿو. هن پنهنجي جواني واري زماني تي ڳالهائيندي چيو ته مان نوجواني ۾ پاڪستاني ڪرڪيٽ ٽيم ۾ شامل ٿيڻ جي تمام ويجهو هيس، خاص طور تي 1958 ع جي ويسٽ انڊيز جي پهرين سيريز لاءِ، پر منتخب نه ٿيڻ تي مون فيلڊ کان ٻاهر پنهنجو خواب پورو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پاڪستان لاءِ نه کيڏڻ بعد مان انگلينڊ هليو ويس ۽ صحافت جي تعليم ورتي. ان وقت نوڪريءَ جو ملڻ ڏاڍو ڏکيو هو، ان ڪري مختلف ننڍيون نوڪريون ڪيون. خوش قسمتي سان مون کي 1974 ع ۾ بي بي سي جي اردو سروس ۾ خدمتون انجام ڏيڻ جو موقعو مليو.

قمر احمد 1992 جي پاڪستاني ورلڊ ڪپ جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته، ان وقت جاويد مانداد کي ورلڊ ڪپ ٽيم مان ڊراپ ڪيو ويو هو، پر بعد ۾ اهو ثابت ٿيو ته جاويد مانداد ٽورناميٽ جو ٻيو بهترين بيٽسمين ثابت ٿيو. هن انڪشاف ڪيو ته ورلڊ ڪپ دوران اسان جي ڪپتان تمام خراب تقرير ڪئي. ان دؤران مان بي بي سي سان گڏ پنج مختلف ادارن لاءِ رپورٽ ڪري رهيو هئس. هر صحافي ۽ عالمي خابرو ادارا مون کان خبر وٺڻ پيا چاهن. ظاهر آهي ته مون تي ڪم جي حوالي سان وڏو دٻاءُ هيو. هن ٻڌايو ته مان هر اداري لاءِ الڳ ورلڊ ڪپ جي الڳ رخ ۾ خبر فائل ڪندو هئس، جيئن هر خبر ايڪسڪلوزو لڳي. هن جو چوڻ هيو ته پاڪستاني بالرن مان وسيم اڪرم ۽ وقار يونس جهڙا تيز بالر دنيا ۾ ناهن. محمد زاهد ۽ فضل محمود به شاندار فاسٽ بالر رهيا آهن.

قمر احمد بالي ووڊ ۽ لولي ووڊ جي مشهور فلم اسٽارز سان گذاريل لمحن کي پڻ شيئر ڪيو، خاص طور تي دليپ ڪمار، راج ڪپور، رشي ڪپور، ۽ محمد علي، جنهن کي هي منو ڀائي چوندو هئو. هو سندس ننڍپڻ جو دوست ۽ پاڙيسري رهيو.

قمر احمد باني پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح سان ملاقات جو به احوال ڏنو. هن ٻڌايو ته، جڏهن هي ڏهه ورهين جو هئو، ته سندس والد جيڪو ڏندن جو ڊاڪٽر پڻ هيو، تنهن قائد اعظم محمد علي جناح کيس ڏيکاريو هو ۽ اها ڳالهه اڄ به کيس چڱيءَ ريت ياد آهي.

هن چيو ته مون صحافت جي دنيا ۾ پير پائڻ جي شروعات 1961 کان 1963 تائين پي پي آءِ جي بيورو چيف طور ڪئي. قمر احمد ملڪ ايلزبيٿ سميت ڪيترن ئي عالمي اڳواڻن سان ملاقاتن جو پڻ ذڪر ڪيو. هن ميزبان ڊاڪٽر سلمان فريدي جو شڪريو ادا ڪيو، جڏهن ته آڊيٽوريم ۾ موجود مهمانن تاڙين جي گونج ۾ اٿي بيهي ڪيس خراج پيش ڪيو. آخر ۾ ڪيس يادگاري شيلڊ پڻ پيش ڪئي ويئي. ■

### 1819ع ۾ ڪڇ ۾ آيل زلزلي سبب هيءَ ڍنڍ وجود ۾ آئي هئي.

# پاڪ ڀارت سرحد جي وچ تي واقع ’شڪور ڍنڍ‘


هيءَ ڍنڍ پاڪستان ۽ ڀارت جي سرحد جي وچ تي آهي، جنهن جو 71 سيڪڙو ڀارت جي حصي ۾ ۽ 29 سيڪڙو پاڪستان جي حصي ۾ اچي ٿو. علائقي جي ماپ مطابق ڀارت وٽ 210 چورس ڪلوميٽر، جڏهن ته پاڪستان وٽ 90 چورس ڪلوميٽر علائقو اچي ٿو. موجوده ترقي يافته دور ۾ به هن مشهور ڍنڍ ڏانهن ڪچو رستو وڃي ٿو ۽ علي بندر واهه جو ڪپ وٺي وڃڻو پوندو آهي. برسات وارن ڏينهن ۾ ته هن ڍنڍ تائين پهچڻ سياحن لاءِ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي.





سليم راهمون

شڪور ڍنڍ سنهي گهوني لڳ علي بندر کان ڏکڻ طرف، واهه جو سڌو ڪپ وٺندي ڏهن ڪلوميٽر تي واقع آهي. هيءَ ڍنڍ پوري ڪڇ کي ڌوڏي ڇڏيندڙ 1819ع جي زلزلي ڪانپوءِ قدرتي طور وجود ۾ آئي هئي. ياد رهي ته 7.7 ريڪٽر اسڪيل جي شدت سان زلزلي اچڻ جي ڪري ڀرين شڪور ڍنڍ کان ڏکڻ طرف ويجهو زميني لوڏن سبب 40 ميل ڊگهو ۽ 10 فٽ اوچو قدرتي بند ٺهي ويو هو، جنهن کي ”الله بند“ چيو ويندو آهي. ان بند جي ڪري پاڻيءَ جا وهڪرا هڪ هنڌ بيهجي ويا. ان زلزلي 1543 انساني جانيون ضايع ڪرڻ سان گڏ پراڻ جي وهڪري کي به ختم ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ شڪور وجود ۾ آهي، جنهن کي قديم انگريز محقق رابرٽ ڪرسٽي (Robert Christie)، جيڪو 1819 جي زلزلي ڪانپوءِ هتي آيو هو، پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ لکيو ته،
”هن زلزلي سنڌو درياهه جي وهڪري کي تبديل ڪري ڇڏيو. الله بند نالي قدرتي ديوار ٺهي، جنهن جي نتيجي ۾ شڪور ڍنڍ پيدا ٿي.“
1819 ڪانپوءِ 1856 ۾ به ڀيهر آيل زلزلي الله بند کي ڌوڏي ڇڏيو، جنهن سان ڪجهه پاڻي





ڀيهر وهڻ لڳو، پر هن ڍنڍ جو وڏو حصو موجود رهيو.
”شڪور ڍنڍ“ تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ ان بابت مختلف رايا آهن. ڪجهه مورخن جو خيالن ته ”شڪور“لفظ اصل ۾ ”شڪر“لفظ مان نڪتل آهي، جيڪو فارسي ۽ عربي مان آيل آهي، ان جو مطلب آهي ”شڪر“ ڪرڻ وارو، يا رحمت واري جاءِ. ممڪن آهي ته هن ڍنڍ جو اهو نالو ڪنهن مذهبي يا مقامي عقيدي سبب رکيو ويو هجي.
برطانوي دور دوران هن ڍنڍ کي نقشن ۾ ”شڪور“ لکيو ويو هو. پاڪستان ۽ ڀارت ٻنهي پاسي به هن ڍنڍ کي ”شڪور ڍنڍ“ چيو ويندو آهي.
ڪجهه محققن ۽ ماهيگيرن جو خيال آهي ته ”شڪور“ نالي ڪنهن ملاح جي نالي جي ڪري ان



تي اهو نالو پيو، پر اها دعويٰ ايڏي مضبوط ناهي، ڇاڪاڻ ته ”شڪور“ نالو ٻنهه پراڻو آهي. شروعاتي دور ۾ شڪار نه هو، نه ئي هتي مهاڻا رهندا هئا.
هيءَ ڍنڍ بنيادي طور تي لوڻياٺي ڍنڍ آهي. انگريز محقق ڪرنل جيمز ٽوڊ (James Tod) پنهنجي سفرنامي ۾ ”شڪور ڍنڍ“ کي A newly formed saltwater basin (لوڻياٺي پاڻيءَ وارو نئون ٺهيل تلاءُ) لکيو آهي.
هن وقت هن ڍنڍ ۾ مڇي ۽ پکين جو شڪار ڪيو وڃي ٿو. هتي جي هڪ مهاڻي غلام رسول ڏانڏل جو چوڻ آهي ته، هن ڍنڍ ۾ هن وقت مڇين جا چار کان پنج مختلف قسم آهن، باقي پلو ناياب آهي.“
شڪور ڍنڍ تي رهندڙ مهاڻا هن ڍنڍ کي درياهه به سڏين ٿا. هن ڍنڍ کي ’ٻڇڙي وارو ڪُن‘ به سڏيو ويندو آهي. ڪنهن زماني ۾ ان ۾ گهڻا واڳون هوندا هئا، جنهن ڪري اتي وڃڻ کان مهاڻا لهرائيندا هئا. هن وقت اهڙي ڪا ڳالهه ناهي.
هن ڍنڍ جي باري ۾ دلچسپ ڳالهه اها به آهي ته، هيءَ ڍنڍ پاڪستان ۽ ڀارت جي سرحد جي وچ تي آهي، جنهن جو 71 سيڪڙو ڀارت جي حصي ۾ ۽ 29 سيڪڙو پاڪستان جي حصي ۾ اچي ٿو. علائقي جي ماپ مطابق ڀارت وٽ 210 چورس ڪلوميٽر، جڏهن ته پاڪستان وٽ 90 چورس ڪلوميٽر علائقو اچي ٿو.
موجوده ترقي يافته دور ۾ به هن مشهور ڍنڍ ڏانهن ڪچو رستو وڃي ٿو ۽ علي بندر واهه جو ڪپ وٺي وڃڻو پوندو آهي. برسات وارن ڏينهن ۾ ته هن ڍنڍ تائين پهچڻ سياحن لاءِ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ■